روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو 25 آگسٽ 2023 ع بمطابق 07 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 89

چيف اليڪشن ڪمشنر پاران صدر سان ملاقات نہ ڪرڻ جو فيصلو

قومي اسيمبلي آرٽيڪل 58 ون تحت وزيراعظم جي سفارش تي صدر نوَ آگسٽ تي ٽوڙي : چيف اليڪشن ڪمشنر جو صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي خط

اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۾ 26 جون تي ترميم ڪئي وئي، ان ترميم کان اڳ صدر چونڊن جي تاريخ لاءِ ڪميشن سان مشاورت ڪندو

هاڻي سيڪشن 57 ۾ ترميم ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن کي تاريخ يا تاريخون ڏيڻ جو اختيار آهي

وزيراعظم جي سفارش تي اسيمبلي ٽوڙڻ تي ڪميشن کي عام چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار آهي

صدر ڊاڪٽر عارف علوي مُلڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جي فيصلي لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا کي خط لکيو هو

چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار اسانجو آهي، چيف اليڪشن ڪمشنرسڪندر سلطان راجا

اسلام آباد(م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا عام چونڊن جي تاريخ بابت صدر جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو چيف اليڪشن ڪمشنر صدر ڊاڪٽر عارف علي ڏانهن لکيل جوابي خط ۾ چيو آهي تہ قومي اسيمبلي آرٽيڪل 58 ون تحت وزيراعظم جي سفارش تي صدر نوَ آگسٽ تي ٽوڙي، خط ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۾ 26 جون تي ترميم ڪئي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

توشا خانا ڪيس: اها سزا مختصر آهي، جيڪا بنا نوٽيس بہ معطل ٿي ويندي آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ توشا خانا فوجداري ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا خلاف اپيل ۽ سزا معطلي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل سردار لطيف کوسا عدالت ۾ پيش ٿيو

اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڪنهن آفيسر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو مجاز قرار ڏئي سگهي ٿي : لطيف کوسا

اليڪشن ڪميشن چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ 4 ميمبرن تي ٻڌل هوندي آهي، رڪارڊ ۾ اليڪشن ڪميشن جو ڪمپلمينٽ داخل ڪرڻ جو ڪو اجازت نامو ناهي

ڪشن ڪميشن جو اجازت نامو رڪارڊ ۾ موجود آهي، جنهن تي لطيف کوسا چيو تہ اها اجازت اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري طرفان ڏني وئي آهي : وڪيل امجد پرويز

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس توشا خانا ڪيس ۾ چيو آهي تہ تحريڪ انصاف چيئرمين کي ڏنل هيءَ مختصر سزا آهي، جيڪا بنا نوٽيس جي بہ معطل ٿي ويندي آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ توشا خانا فوجداري ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا خلاف اپيل ۽ سزا معطلي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پرڏيهي آفيس جي دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

راڻيپور واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو: آءِ جي سنڌ

پوليس تي تمام گهڻو دٻاءُ آهي، ماڻهن کي پوليس مان اميدون آهن، ان کي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪنداسين : رفعت مختار

چيف جسٽس ملاقات لاءِ گهرايو هو، امن امان اسان جي اولين ترجيح آهي، امن امان جي بحالي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ چاهيون ٿا

عام چونڊن لاءِ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويجي، عام چونڊن لاءِ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويجي

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو آهي تہ راڻيپور واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو، نئون مقرر آءِ جي سنڌ رفعت مختار سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو. چيف جسٽس سان ملاقات ڪئي، آءِ جي سنڌ رفعت مختار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: آءِ جي سنڌ رفعت مختار

مهانگائي جي ستايل عوام لاءِ دوائون بہ مهانگيون ٿي ويون

ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي 25 حياتي بچائيندڙ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪينسر جي علاج جي نئين دوا لوريڪا جي قيمت 8 لک 46857 روپيہ مقرر ڪئي وئي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) نگران حڪومت مهانگائي جي ستايل عوام لاءِ دوائون بہ مهانگيون ڪري ڇڏيون آهن، ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي 25 حياتي بچائيندڙ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ واپاري ڪي اليڪٽرڪ عملي تي ڏمرجي پيا، چماٽن جو وسڪارو

ٽمبر مارڪيٽ ۾ واپارين ڪي اليڪٽرڪ عملي تي چماٽن جو وسڪارو لائي ڏنو، وڊيو وائرل

ڪي اليڪٽرڪ عملو جمپر ۽ ميٽر لاهڻ آيو هو اسان واڌو بل ڪنهن بہ صورت ۾ ادا نہ ڪنداسين : واپاري اڳواڻ

ڪي اليڪٽرڪ عملي وٽ ڪو اجازت نامو نہ هو، جمپر ۽ ميٽر لاهڻ بنا جواز آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ واپاري ڪي اليڪٽرڪ عملي تي ڏمرجي پيا ۽ ڪين ڪٽڪو ڏنو ٽمبر مارڪيٽ ۾ واپارين ڪي اليڪٽرڪ عملي تي چماٽن جو وسڪارو لائي ڏنو، اهڙي وڊيو سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ٿي وئي آهي، واپاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

موجوده وسيلا ڪتب آڻيندي اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي :برگيڊيئر (ر) حارث نواز

شهر جي وڏن روڊن تي ٽريفڪ جام کي روڪڻ لاءِ منظم طريقي سان ڪارروائي ڪئي وڃي

منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو وڃي

سماج مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪميونٽي ۽ فلاحي تنظيمن کي فعال بڻائڻ جي ضرورت آهي : صوبائي نگران گهرو وزير

ڪراچي (رپورٽر) نگران گهرو، جيل خانن جي وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز پوليس کي هدايت ڪئي آهي تہ موجوده وسيلا ڪتب آڻيندي اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي ۽ شهر جي وڏن روڊن تي ٽريفڪ جام کي روڪڻ لاءِ منظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: نگران گهرو، جيل خانن وارو برگيڊيئر (ر) حارث نواز اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي نگران قانون واري وزير پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ۾ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي آفيس جو دورو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران قانون واري وزير عمر سومرو سنڌ هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ۾ واقع ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي آفيس جو دورو ڪيو ۽ اي جي سنڌ جي ملازمن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اليڪشن ڪمشنر آئيني طور تي صدر جي ڏنل تاريخ موجب چونڊون ڪرائڻ جو پابند آهي :مصدق ملڪ

صدر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر سان مشاورت ڪان پوءِ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪندو

پي ٽي آءِ اڳواڻ هر پرڏيهي سفير جي سامهون پاڪستان جي خلاف ڳالهيون ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مصدق ملڪ چيو آهي تہ چيف اليڪشن ڪمشنر آئيني طور تي صدر جي ڏنل تاريخ موجب چونڊون ڪرائڻ جو پابند آهي، نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي مصدق ملڪ چيو تہ صدر عارف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستان جي سيني حڪومتي ادارن کي ناڻي واري وزارت تحت ڪم ڪرڻو پوندو : آءِ ايم ايف

پاڪستان طئي ڪيو هو تہ سمورا حڪومتي ادارا ناڻي واري وزارت جي ماتحت ڪم ڪندا ايستر پيريز

پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ لاءِ اڳ کان طئي سڌارن تي عمل ڪرڻو پوندو، بين گورننس ۽ نجي شعبي جي سڌارن تي بہ عمل ڪرڻ ضروري آهي

اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ 2024 تائين موجوده اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ تي عمل ٿيندو يا نہ؟

پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي ايستر پيريز

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي نمائندي ايستر پيريز چيو آهي تہ پاڪستان جي سيني حڪومتي ادارن کي ناڻي واري وزارت تحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ترين جو جڙانوالا جو دورو، هڪ ڪروڙ رپيا ڏيڻ جو اعلان

استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهہ جهانگير ترين جڙانوالا جو دورو ڪيو

جڙانوالا سانحي تي تمام گهڻو افسوس ٿيو آهي، ڪميونٽي سينٽر ناهڻ لاءِ ڪم ڪنداسين : جهانگير ترين

اسلام آباد (بيورو رپورٽ)استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهہ جهانگير ترين جڙانوالا جو دورو ڪيو جهانگير ترين اسحاق نگري چرچ جي بحالي واري ڪم جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڳالهائيندي جهانگير ترين چيو تہ ڪيس جڙانوالا سانحي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايف بي آر چيئرمين اداري ۾ اربين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ڪندي بي وسي ظاهر ڪري ڇڏي

اداري لاءِ ممڪن ناهي تہ ايف بي آر جا سيني 25000 ملازمن جا اثاثا چيڪ ڪري سگهي : زبير احمد ٽوانا

مقرري ۽ ترقي جي موقعي تي ملازمن لاءِ لازمي آهي تہ اها پنهنجا اثاثا ظاهر ڪن

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) چيئرمين زبير امجد ٽوانا انڪشاف ڪيو آهي تہ ايف بي آر ۾ 500 کان 600 ارب رپين جي ڪرپشن ٿيندي آهي، سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ ڳالهائيندي زبير امجد ٽوانا چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

"ايماندار گهرائيندا سين" سنڌ جي سيني ڪاتن مان اعليٰ آفيسرن کي هٽائڻ جو حڪم

صوبن مان بدلي ٿي آيل آفيسرن جي مقرري جو سبب ايمانداري کي ظاهر ڪرڻ آهي : انوارالحق ڪاڪڙ

اهوئي سبب آهي جو مون چيف سيڪريٽري سنڌ کي رجيم چينج جو حڪم ڪيو آهي

نگران حڪومت عام چونڊون ڪرائڻ آئي آهي پر اهو ڪم اليڪشن ڪميشن جو آهي

ڪراچي (رپورٽر) نگران وزيراعظم انوارالحق سنڌ جي سمورن ڪاتن مان اعليٰ آفيسرن کي فوري هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نگران وزيراعظم چيو تہ صوبن مان بدلي ٿي آيل آفيسرن جي مقرري جو سبب ايمانداري کي ظاهر ڪرڻ آهي، اهوئي سبب آهي جو مون چيف سيڪريٽري سنڌ کي رجيم چينج جو حڪم ڪيو آهي، هن چيو تہ نگران حڪومت عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سان يو ايس ڪانگريس جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

فاطما ڪيس: اسد شاهہ جون مريدن سان ڳجهيون ملاقاتون، اهم انڪشاف

مقامي ايس ايڇ او مبينا طور تي رقم وٺي جوابدار اسد شاهہ جون مريدن سان ملاقاتون ڪرايون

هن ڪيس ۾ پوليس ڪو بہ دٻاءُ برداشت نہ ڪندي : ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي

راڻيپور (رپورٽر) فاطما ڦرڙو جي مارجڻ واري ڪيس جي مک جوابدار اسد شاهہ جي مريدن سان ڳجهين ملاقاتن جو انڪشاف ٿيو آهي ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

9 مئي واقعا: تحريڪ انصاف چيئرمين کي 6 ڪيسن جي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت

تحريڪ انصاف چيئرمين اٽڪ جيل ۾ آهي، ڪانئس 9 مئي جي ڪيسن ۾ جاچ جي اجازت ڏني وڃي : پوليس

عدالت پوليس جي درخواست منظور ڪندي عمران خان کي 6 ڪيسن جي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

لاهور (م ڊ) پوليس کي 9 مئي تي ڀڃ ڊاهہ جي ڪيسن ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين کي 6 ڪيسن ۾ جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ملي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: صوبائي وزير تعليم رعنا حسين انڊڪشن ٽريننگ مڪمل ڪندڙ ليڪچرار کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهي آهي

نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي جي طبيعت ناساز

مدد علي سنڌي کي سيني ۾ تڪليف آهي: ذريعا

سندس دل جي معائني سميت مختلف ٽيسٽون ڪيون پيون وڃن

اسلام آباد(م ڊ) تعليم بابت نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي جي طبيعت ناساز ٿي وئي، جنهن ڪانپوءِ هو پمز اسپتال پهچي ويو ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جان محمد قتل ڪيس: جوابدار رمانڊ تي پوليس حوالي

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

جوابدارن کي 6 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

شهيد صحافي جان محمد مهر (فائيل فوٽو)

سکر (رپورٽر) سکر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ گرفتار ٽن جوابدارن کي 6 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جتي ٽنهي جوابدارن کي پيش ڪيو ويو جوابدارن کي 6 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي تہ 11 ڏينهن اڳ صحافي جان محمد مهر کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو هو

استادن سکڻ عمل کي جاري رکڻ ۾ دلچسپي وٺن: رعنا حسين

هڪ استادن جي حيثيت ۾ انهن کي پنهنجن ذميوارين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي

صوبائي وزير تعليم انڊڪشن ٽريننگ مڪمل ڪندڙ ليڪچرارن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ۽ عورتن جي ترقي واري نگران صوبائي وزير رعنا حسين چيو آهي تہ ڪاليج سطح تي نصاب جي حوالي سان ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حڪومت جو وڏو فيصلو، پاڪستان ۾ موبائل فون قسطن تي ملندي

ڊائريڪٽر جنرل ايم او آءِ ٽي جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو

حڪومت آسان قسطن تي موبائل فونز ڏيڻ جي حوالي سان قانون سازي ڪرڻ چاهي ٿي : ڊائريڪٽر جنرل

اسلام آباد (م ڊ) هڪ خانگي اداري پنهنجي رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي آهي تہ حڪومت سڄي ملڪ ۾ هر قسم جون موبائل فونز آسان قسطن تي ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسٽاف نرس لاءِ امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن کان انٽرويو وٺڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ 14 اميدوارن جي داخل درخواست تي ڪانئن انٽرويو وٺڻ جو حڪم ڏنو

سانگهڙ، بدين، شهيد بينظير آباد سميت مختلف ضلعن جي امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن درخواست داخل ڪرائي هئي

حيدرآباد (رپورٽر) عدالت پاران اسٽاف نرس لاءِ امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن کان انٽرويو وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، عدالت پاران 2020 ع ۾ اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اليڪشن ڪميشن جو جوابي خط، ايوان صدر قانون واري وزارت کان راءِ گهري ورتي

خط جي جواب ۾ اليڪشن ڪميشن جي موقف تي قانون واري وزارت کان راءِ گهري آهي : ايوان صدر

صدر طرفان قانون واري وزارت جي سيڪريٽري نالي اليڪشن ڪميشن جي جوابي خط تي قانوني راءِ بابت خط لکيو ويو آهي

اليڪشن ڪميشن جو موقف آهي تہ چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار رڳو اليڪشن ڪميشن وٽ آهي

اسلام آباد(م ڊ) ايوان صدر اليڪشن ڪميشن جي جوابي خط تي قانون ۽ انصاف واري وزارت کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا ۽ صدر علوي علوي (فائيل فوٽو)

مُلڪي تاريخ ۾ پهريون يورو ڊالر ٽرپل سينچري مڪمل ڪري ورتي

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي ملهہ ۾ گهٽتائي جو سلسلو مسلسل جاري آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان ۽ ڀارت جو پنهنجا ڊپٽي هاءِ ڪمشنر تبديل ڪرڻ جو فيصلو

ڀارت لاءِ نئين دهلي ۾ سعد وڙائچ پاڪستان جو نئون ڊپٽي هاءِ ڪمشنر هوندو، هو عزيز احمد خان جي جاءِ تي ڪم ڪندو : ذريعا

ڀارتي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سريش ڪمار جي جاءِ تي گيتا سريواستو اسلام آباد ايندي

ٻنهي ملڪن لاڳاپيل سفارتڪارن کي ويزائون جاري ڪري ڇڏيون آهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۽ ڀارت نئين دهلي ۽ اسلام آباد ۾ پنهنجا ڊپٽي هاءِ ڪمشنر تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پرڏيهي وزارت جي ذريعن موجب ڀارت لاءِ نئين دهلي ۾ سعد وڙائچ پاڪستان جو نئون ڊپٽي هاءِ ڪمشنر هوندو، هو عزيز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جهرڪ پرسان مسافر وين ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر، عورتن سميت 7 ڄڻا فوت

حيدرآباد– ٺٽي قومي شاهراهہ تي جهرڪ پرسان مسافر وين ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ٿيو، حادثي جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا فوت ۽ 15 زخمي ٿي پيا

حادثو تيز رفتاريءَ سبب پيش آيو، فوتين ۾ ٻہ عورتون ۽ هڪ ٻارڙي بہ شامل آهي : ريسڪيو اختياريون

حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ۽ فوت ٿيلن جا مڙهہ اسپتال پهچايا ويا

ٺٽو: جهرڪ پرسان ٽرڪ ۽ وين ۾ ٽڪر سبب تباهہ ٿيل وين واقعي واري هنڌ بيٺل آهي

ٺٽو(ڀ) جهرڪ ويجهو بسر چوڪ تي حيدرآباد کان ڪراچي ايندڙ تيز رفتار مسافر وين سامهون ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي . جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پ پ وفد جون نگران وزيراعظم کي ميارون، ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي

ڪراچي (رپورٽر) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان پ پ وفد جي ملاقات جي اندروني ڪهاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ ۾ دوائن جي ڪوٽ ۽ غير معياري دوائن جي وڪري تي نگران وڏي وزير جي ڪاوڙ، ڪارروائي جو حڪم

جسٽس (ر) مقبول باقر صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو

سيني سرڪاري اسپتالن ۾ معياري دوائن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي : جسٽس (ر) مقبول باقر

لاڳاپيل آفيسر ميڊيسن مارڪيٽن ۾ انسپيڪشن يقيني بڻائين : نگران وڏي وزير جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر صوبي جي سيني اسپتالن ۽ مارڪيٽن ۾ غير معياري دوائن جي وڪري تي ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس (ر) مقبول باقر صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ سميت سڄو ملڪ معدني وسيلن سان مالا مال آهي :مير خدا بخش مري

وسيلن سان ملڪ جي معيشت کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو، سڀ ڄاڻين ٿا تہ اسان جو ملڪ معاشي خساري ۾ هلي رهيو آهي

اسان انهن معدني وسيلن کي استعمال ۾ آڻيون تہ ملڪ جي معيشت کي تمام گهڻو سهارو ملي سگهي ٿو

وسيلن سان مالا مال ملڪن جي ماهرن ۽ ٻين کي گهرائي ڏسجي تہ انهن معدني وسيلن مان هر سال ڪيترو مالي فائدو ٿي سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي معدنيات ۽ معدني وسيلن واري وزير مير خدا بخش مري چيو آهي تہ سنڌ سميت سڄو ملڪ معدني وسيلن سان مالا مال آهي، انهن وسيلن سان ملڪ جي معيشت کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو، سڀ ڄاڻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: نگران صوبائي معدنيات ۽ معدني وسيلن واري وزير مير خدا بخش مري اجلاس جي صدارت ڪندي

"ڪنهن بہ حويلي تي نظر وڌي تہ ان جو خير ناهي" ڌاڙيلن جي فاطمہ ڦرڙو جي وارثن کي ڌمڪي

راڻيپور (رپورٽر) ڪچي جي ڌاڙيلن جديد هٿيار کڻي فاطمہ ڦرڙو جي وارثن کي وڊيو پيغام ڏنو آهي. جنهن ۾ ڌمڪي ڏني وئي آهي تہ پير جي حويلي تي ڪنهن بہ نظر وڌي يا فاطمہ ڦرڙو لاءِ آواز اٿاريو تہ ان جو خير ناهي، ڌاڙيل دل خان جتوئي سکر جي علائقي باگوڙجي مان وڊيو پيغام جاري ڪندي فاطمہ ڦرڙو جي وارثن کي واضح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ حڪومت کان گرانٽ وٺندڙ صحت ادارن کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم

سنڌ جي نگران انتظاميا هڪ ارب رپيا ساليانو گرانٽ وٺندڙ سيني ادارن کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

هڪ ارب کان وڌيڪ گرانٽ وٺندڙ ادارا بہ 4 وڏين ڪمپنين مان هڪ کان گرانٽ جي آڊٽ ڪرائين : نگران صوبائي انتظاميہ

سنڌ حڪومت کان ساليانو بنيادن تي گرانٽ وٺندڙ صحت جي ادارن ۾ 34 سرڪاري ۽ غير سرڪاري اسپتالون ۽ اين جي اوز شامل

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نگران حڪومت صوبائي فنڊن مان ساليانو گرانٽ وٺندڙ صحت جي ادارن کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو،سنڌ جي نگران انتظاميا هڪ ارب رپيا ساليانو گرانٽ وٺندڙ سيني ادارن کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي تہ سٺي شهرت واري پرائيويٽ اداري کان گرانٽ جي آڊٽ ڪرايو، نگران صوبائي انتظاميا طرفان چيو ويو آهي تہ هڪ ارب کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان پوليو جي خاتمي لاءِ بي ايم جي ايف جي سينيئر پروگرام آفيسر جي ملاقات

ملاقات ۾ پوليو جي خاتمي بابت قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ مان پوليو جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا .:ڊاڪٽر سعد خالد نياز

اسان وٽ ڪيترائي وسيلا ۽ عملو آهي ۽ جلد مفاهمت جي ياداشت ذريعي اڳتي قدم کڻنداسين

ڪراچي (رپورٽر) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سماجي ڀلائي واري کاتن جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن (بي ايم جي ايف) جي سينيئر پروگرام آفيسر پوليو ايرن ملاقات ڪئي ۽ پوليو جي خاتمي بابت قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات ۾ سيڪريٽري صحت سنڌ سهيل قريشي، بي ايم جي ايف جو انٽرنيشنل ڪنسلٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان پوليو جي خاتمي لاءِ بي ايم جي ايف جي سينيئر پروگرام آفيسر ملاقات ڪري رهي آهي

پاڪستان ريلوي ملازمن جو هفتي ۾ 5 ڏينهن ڪم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) پاڪستان ريلوي ملازمن جو هفتي ۾ 5 ڏينهن ڪم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو پاڪستان ريلوي طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان ريلوي ملازم هفتي ۾ 5 ڏينهن ڪم ڪندا. پاڪستان ريلوي جون آفيسون صبح ساڍي 7 وڳي کلنديون ۽ ساڍي 3 وڳي بند ٿينديون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جهرڪ پرسان وين ۽ ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 7 ڄڻا اجل جو شڪار، 15 زخمي

2 عورتون، 4 مرد ۽ هڪ ڇوڪري فوت ٿي ويا، سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ راحيلا پٽو پڻ زخمي ٿي پئي

قومي شاهراهه تي حادثي سبب هڪ نامعلوم شخص شامل 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

امجد شورو ۽ سنڌس ٽيم پهچي زخمين کي ايڌي ايمبولينس سروس سميت ذريعي ريسڪيو ڪيو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)ضلعي ٺٽي جي شهر جهرڪ پرسان بسم الله چرڪ وٽ وين ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪرجهن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا فوت ۽ 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جنهن ۾ 2 عورتون، 4 مرد ۽ هڪ ڇوڪري فوت ٿي ويا جڏهن ته 15 ڄڻا زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: حادثي جو شڪار گاڏيون تباهه نظر اچي رهيون آهن

عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ دروازا کوليل آهن : ڪميل حيدر شاهه

پنوعاقل (رپورٽ)سکر جي ضلعي جي ڊسٽڪ چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه پنوعاقل پهچي وڪيل دوست محمد بلو سڪندر جتوئي ۽ ٻين سان تعزيت ڪئي. سيد ڪميل حيدر شاهه پارٽي ڪارڪنن غلام علي ڪمبوهه گلشن ماڪو لياقت خالدي فرحان خان ڏاريجو ۽ ٻين سان گڏجي مختلف هنڌن تي تعزيتون ڪيون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان جي يوسي ڏگهه موري جي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ڪرايو ويو

مليريا جا ڪيس وڌي ويا آهن سموري يوسي اندر مليريا اسپري ڪرايو ويندو : ڪليم الله

مختلف ڳوٺن جي معززين رهائيشين سنڌن اهڙي بهترين عمل ساراهيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان)ڊ ر مظفر علي بروهي(ٽنڊو محمد خان جي يوسي ڏگه موري جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي ڪوشش سان مختلف ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري جو سلسلو جاري. چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين مختلف ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ڪرايو. ڳوٺاڻن پاران چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جو شڪريو پڻ ادا ڪيو. مليريا کان بچاءَ لاءِ اسپري ڪرايو پيو وڃي مختيار نظاماڻي مليريا جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مانجهند مان مڙس جي عيوضي ۾ ڪنييل عورت جي آزادي لاءِ احتجاج جاري، نعريبازي

عدالتي حڪم تي ملوث عملدارن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جي حڪم تي عمل نه ٿي سگهيو، وارثن پاران احتجاج جاري رکيو ويو

عدالت پاران ڄامشورو سي آءِ اي انسپيڪٽر نوابشاهه مسعود مگنهار ۽ صحت کاتي جي ڪاموري بهادر ڪيڙو مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

پوليس ٻاڙن جي ونگار وهندي عورت کي بنا ڏوهه جي قيد ڪيو ويٺي آهي جيڪو انساني حقن جي خلاف ورزي آهي : امتياز حُسين ميمڻ

مانجهند(رپورٽ : مهراڻ عمراڻي) مانجهند مان 21 ڏينهن اڳ مڙس جي عيوضي ۾ ڪنييل ڳورهاري عورت جي آزادي لاءِ 12 ڏينهن بہ احتجاج اڄ انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ جو ڄاڻايو عدالتي حڪم تي ملوث عملدارن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جي حڪم تي عمل نه ٿي سگهيو. مانجهند ۾ نوابشاهه پوليس جي ڪارروائي دوران ٽريڪٽر ڦر ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل مڙس شير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند : ڪنيي ڳر ڪيل عورت جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو، دڪان مان هزارين رپيا روڪ رقم ۽ قيمتي سامان چوري

رتوديرو(رپورٽ)رتوديرو ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو، دڪان مان هزارين رپيا روڪ رقم ۽ قيمتي سامان چوري، شاهه عبداللطيف پبلڪ پارڪ سامهون عبدالقيوم ميمڻ هارڊويئر جي دڪان ۾ روشن دان مان چور داخل ٿي ڪائونٽرن جا لاڪ ڀڃي 65 کان 70 هزار روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويو، چوري واقعي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سماجي تنظيم ساحل ٻارڙن تي جنسي تشدد بابت 6 مهينن واري رپورٽ پڌري ڪري ڇڏي

پاڪستان ۾ ٻارڙن تي جنسي تشدد وارن واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن ڳڻتي جوڳو اضافو ٿيندو پيو وڃي : برڪت علي انصاري

روزانو 12 ٻارڙن وحشي درندن هٿان جنسي تشدد جو شڪار ٿين ٿا، پاڪستان ۾ 2227 ٻارن سان جنسي زيادتي جا واقعا پيش ٿيا

1020 ڇوڪرا ۽ 1207 ڇوڪرين کي جنسي حوس ۽ زيادتي جو شڪار بڻايو ويو، ڇوڪرين جا ڪيس ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان اندر ٻارڙن جي جنسي تشدد جي روڪٿام لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم ساحل ٻارڙن تي جنسي تشدد جي حوالي 6 مهينن واري رپورٽ پڌري ڪري ڇڏي، سماجي تنظيم ساحل جي صوبائي ڪوآرڊينيٽر برڪت علي انصاري جنوري کان جون 2023 جي 6 مهينن واري رپورٽ پڌري ڪندي انڪشاف ڪيو آهي ته پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور ۾ دڪاندارن کان ڦر ڌاڙن ۽ بدامني خلاف شٽربند هڙتال، احتجاجي ريلي

واپارين، دڪاندارن ۽ سول سوسائٽي پاران بدامني خلاف پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

شهر جا واپاري دڪاندار ۽ شهري ڌاڙيلن حوالي ڪيا ويا آهن، پوليس غائب آهي : مظاهرين جون دانهون

ڌاڙيل سرعام وچ شهر مان ڌاڙا هڻي وڃن ٿا پر پوليس ٿاڻن تائين محدود آهي، شهر کي شڪارگاهه بڻايو ويو آهي

شڪارپور(رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ دڪاندارن کان ڦر ڌاڙن ۽ بدامني خلاف شٽربند هڙتال، احتجاجي ريلي، واپارين، دڪاندارن ۽ سول سوسائٽي پاران شهر ۾ بدامني خلاف لکيدر جو علائقو بند ڪري گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

احتجاجي ريلي
شٽر بند هڙتال
احتجاج احتجاج

شڪارپور : بدامني خلاف واپارين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو پرسان پرائمري استاد کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر

رتوديرو(رپورٽر) رتوديرو پرسان پرائمري استاد کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر، پرائمري استاد صفدر علي ابڙو کان وڏاهوسڻ روڊ تي حضرت شاهه لاڙي وٽان 3 اڻڄاتل هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 2021 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ڦر واقعي جي رتوديرو ٿاڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ضلعي ۾ يوريا پاڻ اٿلپ ٿي ويو، آبادگار پريشان

ڊيلرن پاڻ اڻڄاتل هنڌن تي روانو ڪري پاڻ جو وڪرو بند ڪري ڇڏيو

ضلعي ۾ لکين ايڪڙن تي ٻيٺل ساريال جي فصل سميت ٻيا فصل پڻ سڙي تباهه

ضلعي جي زرعي معيشت ۽ آباد گارن کي تباهي کان بچائڻ جا اپاءُ ورتا وڃن : آبادگار

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلعي ۾ يوريا پاڻ اٿلپ ٿي ويو سرڪاري مقرر اگهه تي پاڻ جي وڪري تي عمل ڪرائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا پاران سختي ڪرڻ تي ڊيلرن پاڻ اڻڄاتل هنڌن تي روانو ڪري پاڻ جو وڪرو بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب آبادگار سخت پريشان ٿي ويا وقت سر پاڻ ۽ ڊي اي پي فصلن کي نہ ملڻ ڪري بدين ضلعي ۾ لکين ايڪڙن تي ٻيٺل ساريال جي فصل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پنوعاقل پرسان ڳوٺاڻو اغوا، وارثن پاران قومي شاهراهه تي 5 ڪلاڪ ڌرڻو

گنڊو ڪيري ڦاٽڪ کان ڀريان هنگورو لنڪ روڊ وٽ ٻيٺل نامعلوم هٿياربند ڊاڪٽر عبدالجبار چاچڙ کي اغوا ڪري کڻي ويا

چاچڙ برادري جا سوين ماڻهون ڪرنئو ڳوٺ قادو ڳوٺ هنگورو ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين سانگي ٽاڻي تي پهچي احتجاج ڪيو

احتجاج بعد پوليس پاران ٽن ڏينهن ۾ مغوي کي ٽن ڏينهن ۾ بازياب ڪرائڻ واري واعدي تي روڊ کوليو ويو

پنوعاقل(رپورٽر) پنوعاقل پرسان ڳوٺاڻو اغوا، مغوي جي وارثن پاران قومي شاهراهه تي 5 ڪلاڪ ڌرڻو سنڌ پنجاب ڏانهن اينڊز وينڊز ٽريفڪ جام سکر پوليس امن ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي ڌاڙا اغوائون ڦرون چوريون روز جو معمول بڻيل آهن سوين ڳوٺاڻن سميت جي يو آءِ اڳواڻن جو مظاهرو ايس ايس پي سکر کي هٽائڻ خلاف نعري بازي خبرمرجب گذريل خميس رات 9 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پنوعاقل : ڳوٺاڻي جي اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ پرائمري استاد کان 76 هزار کان وڌيڪ رقم حبيب بئنڪ ڪوئيٽا جي اي ٽي ايم بوٿ مان ٺڳي ويا

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي پرائمري استاد کان 76 هزار کان وڌيڪ رقم حبيب بئنڪ ڪوئيٽا جي اي ٽي ايم بوٿ مان ٺڳي ويا، ايڇ بي ايل بئنڪ ڪوئيٽا استاد سان تعاون ڪرڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيڪو ڪرڻ بجاءِ ويتر نااميدي ظاهر ڪئي، خبر مرجب لاڙڪاڻي شهر جي غريب مقام مڇي مارڪيٽ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن پاران احتجاج جاري، نعريبازي

شاگردن ستاف جي سڏ تي ڪاليج انتظاميه جي مبينا زيادتين خلاف ڪالهه ٻئي ڏينهن به ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي انتظاميه هٽ سان مسئلا پيدا ڪرائي شاگردن کي ڏهائي حراسان ڪري رهي آهي : مظاهرين

ڪاليج ۾ امن ۽ علم تدريس جو ماحول جوڙيو وڃي، شاگرد تمام گهڻي گهٽ ۾ رهن پيا، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن ستاف جي سڏ تي ڪاليج انتظاميه جي مبينا زيادتين خلاف ڪالهه ٻئي ڏينهن به سينٽرل ڪئنٽين کان ايڊمن بلاڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي شاگرد اڳواڻن عمر نثار، فرمان ڪوسو اوسامہ نظير، سعيد چانڊيو ۽ ٻين چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

شهدادڪوٽ ۾ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ معصوم شاگردياڻي فوت

حادثي سبب هڪ شاگردياڻي سميت موٽر سائيڪل سوار سخت زخمي، اسپتال منتقل

ضروري ڪاروائي بعد ٻارڙي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي ڪهرام

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ معصوم شاگردياڻي فوت هڪ شاگردياڻي سميت موٽر سائيڪل سوار سخت زخمي اسپتال منتقل، شهدادڪوٽ شهر ويجهو ڳوٺ درياخان مستوئي ۾ اسڪول کان واپس گهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

فاران شگر ملز انتظاميه کي قبلو درست ڪرڻو پوندو : ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

فاران شگر ملز انتظاميه مزدورن جا ڪيترن سالن کان حق غضب ڪري رهي آهي

ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري پاران مزدورن جي ساٿ ڏيڻ واري معاملي تي ساڻس گڏ آهيون

ٽنڊو محمد خان) ڊ ر مظفر علي بروهي(شيخ پرڪيو فاران شگر ملز انتظاميه جي ملازمن سان ٿيندڙ زيادتين جي حوالي سان سنڌ لغاري تنظيم جي سابق چيئرمين مرحوم شمس الدين لغاري جي فرزند ايڊوڪيٽ نجم الدين لغاري ۽ سنڌس نياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان : گڏجاڻي دوران وڪيل اڳواڻ ويٺل آهن

سرحد پرسان زمين جي معاملي تان ڀهوڙ برادري ۾ ڇڪتاڻ

ڳوٺاڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو، نعريبازي، انصاف جون اپيلون

جوابدار زمين جو ڪاتو گهرڻ تان قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن : ڳوٺاڻو

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پرسان زمين جي معاملي تان ڀهوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ، ڳوٺاڻي جو سرحد پريس ڪلب پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادڪوٽ پوليس جي ڪارروائي، 2 ڦورو گرفتار ڪري ورتا

پوليس پاران ڌوهارين کان 2 پسٽل 7 موٽر سائيڪل 2 موبائيل فون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ لاءِ پوليس کي هدايتون ڪيون آهن : ايس ايس پي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ پوليس ڪارروائي ڪري 2 ڌوهارين کي گرفتار ڪري 7 موٽرسائيڪلون، 2 موبائيل فون سميت 2 ڌوهارين کان ٻہ پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي، ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ توحيد الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪنڌڪوٽ ۾ ايريگيشن کاتي جا اڳواڻ پريس ڪلب پهتا

رڪارڊ اندر وڏي پيماني تي هيرا ڦيري ۽ ڪرپشن ٿيل آهي : اڳواڻ

فورن هر سب ڊويزن جو رڪارڊ سب ڊويزن اسٽاف حوالي ڪيو وڃي

ڪنڌڪوٽ(رپورٽ: غالب بلوچ) ايريگيشن کاتي سان واڳيل ۽ آبڪا جي مرڪزي چيئرمين عطاالله ڪنيرصدر گڏو بئراج نواب خان ڪوسو ۽ ڪنڌڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪنڌڪوٽ : ايريگيشن کاتي جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ : همدرد آرگنائيزيشن جي وفد پاران نياڻي فاطمه جي وارثن سان تعزيت

اسان کي پڪ آهي ته شهيد نياڻي فاطمه جو خون رائيگان نه ويندو : نينگري جا وارث

غريب ضرور آهيون پر با ضمير آهيون فاطمه جي خون تي ڪابہ سودي بازي نه ڪنداسين

سڪرنڊ(رپورٽر)سڪرنڊ پريس ڪلب، JWC ۽ همدرد آرگنائيزيشن جو گڏيل وفد قاضي جاويد سنائي، مير محمد ڪيريو ۽ فهيم خان پاهي جي اڳوائيءَ ۾ شهيد نياڻي فاطمه ڦرڙو جي تڏي تي سنڌن ڳوٺ خانواهڻ پهچي نياڻيءَ جي وارثن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

عدالتون انصاف نه ڪنديون ته نياڻين جون عزتون محفوظ نه رهنديون : شائسته بلوچ

راڻيپور ۾ فاطمه ڦرڙو واري واقعي جي جوابدارن کي اڃا سزا نه ملي سگهي آهي

نياڻي مائره کي درندن اغوا ڪري زيادتي جي ڪوشش ڪئي پر مائڻ بچائي ورتو

سکر (رپورٽ امداد عليگل ڪلوڙ) سکر جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻ اسٽيپ فائونڊيشن چيئر پرسن شائسته بلوچ چيو آهي ته راڻيپور ۾ فاطمه ڦرڙو واري واقعي جي جوابدارن کي اڃا سزا ملي ناهي نہ سکر جي علائقي آباد لاڪا جي رهواسي لطف الله/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر : اسٽيپ فائونڊيشن چيئر پرسن شائسته بلوچ ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ايڊووڪيٽ شبير سولنگي پاران لڳايل الزامن ۾ ڪا صداقت ناهي : گلاب زرداري

شبير سولنگي کي 35 هزار فوٽ زمين ڏني هئي جنهن جي رقم هڪ ڪروڙ 16 لک ٿئي ٿي

4 هزار فوٽ جي رقم اڃا رهيل آهي رقم گهرڻ تي هن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي

سڪرنڊ(رپورٽر) معروف بلڊر گلاب زرداري سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وضاحت ڪئي آهي ته ٻہ ڏينهن اڳ ايڊووڪيٽ شبير احمد سولنگي پريس ڪانفرنس ڪري جيڪي مونتي الزام هنيا آهن انهن ۾ ڪابہ صداقت/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪڪڙ- وايا ڳاج ڊيم لنڪ روڊ جي زبون حالي جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

ٺرڙي جادو شهيد لنڪ روڊ اکڙي ۽ هنڌان هنڌان ڏري تباهه ٿي ويو، اختياريون خاموش

روڊ جي نئين سر تعمير ڪرائي علائقي واسين ۾ ڦهليل بيچيني دور ڪئي وڃي : رهواسي

ڪڪڙ(رپورٽر) ڪڪڙ- وايا گاج ڊيم لنڪ روڊ جي زبون حالي جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو. خلق خدا پريشان. ضلع انتظاميا اگهور ننڊ ستل خبر موجب : ڪڪڙ وايا گاج ڊيم. ٺرڙي جادو شهيد لنڪ روڊ اکڙي ۽ هنڌان هنڌان ڏري تباهه ٿي وڃڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خانواهڻ ۾ شهيد فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت جاري

پي ٽي آءِ جي نازش فاطمه پٺي، جاويد احمد خٽڪ ۽ ٻين اڳواڻن تعزيت ڪئي

شهيد فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان هر قانوني توڙي اخلاقي مدد ڪنداسين : اڳواڻ

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) پي ٽي آئي ايڊيشنل سيڪريٽري اينڊ انفارميشن سيڪريٽري سنڌ نازش فاطمه پٺي، جاويد احمد خٽڪ جنرل سيڪريٽري سنڌ، محمد عيسى ڀومڪي ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري سکر، فياض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانواهڻ : پي ٽي آءِ جو وفد نياڻي فاطمه جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ٺٽون ڪوٽ ۾ صحافي جان محمد مهر ۽ نياڻي فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

سچوا ضلعي ٿرپارڪر جي اڳواڻن عبداللطيف چانڊيو، محمد رمضان چانڊيو، ميرحسن چانڊيو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو ويو

صحافي جان محمد مهر ۽ معصوم نياڻي فاطمه جي قاتلن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل آهن : مظاهرين

سنڌ صوفين جي سرزمين آهي جتي پوليس جي لاپرواهي سبب اهڙا ڏوهه وڌي رهيا آهن، پوليس هٿ وٺي سنڌ جو امن خراب ڪري پئي

ٺٽون ڪوٽ(رپورٽ) شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي گرفتاري خلاف سچوا ضلعي ٿرپارڪر جي اڳواڻن عبداللطيف چانڊيو، محمد رمضان چانڊيو، ميرحسن چانڊيو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ٺٽونڪوٽ پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽون ڪوٽ : سچوا جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

رتوديرو شهر ۾ ڦر جي ڪوشش، پوليس هڪ ڦورو پڪڙي ورتو

رتوديرو(رپورٽ) رتوديرو لاشاري روڊ زنگيجا لاڙي وٽ ڦر جي ڪوشش پوليس هڪ ڦورو پڪڙي ورتو، زنگيجا لاڙي وٽان 125 موٽرسائيڪل تي سوار ٻن ڌوهارين ساجد علي جويو ۽ زبير احمد ڪوراٿي کان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن بعد موٽرسائيڪل سوارن ڦورون سان مزاحمت ڪئي ته اوچتو گشتي پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر ۾ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ ۽ جذبا فورم جي سهڪار سان هڪ اجلاس

ثمينہ عباسي، زينت پنيرو، ماريا ملڪ، راحيلا انصاري، نرگس ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

جمهوريت جي منشور ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ

سکر رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پريس ڪلب ۾ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ ۽ جزبا فورم جي سهڪار سان هڪ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ثمينہ عباسي، زينت پنيرو، ماريا ملڪ، راحيلا انصاري، نرگس، گيانوتي ۽ اساما پٽي شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ سياسي پارٽين سان جمهوريت جي منشور ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اجلاس ۾ چارٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

غريب ٻارن کي بهتر مستقبل ڏئي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي : ليگل رائٽس فورم

راڻيپور ۾ ٻارڙي کي تشدد جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو آهي، جيڪا افسوسناڪ ڳالهه آهي

ڪيس ۾ چائلڊ ليبر جا قلم شامل ڪيا وڃن قانون ناهي چائلڊ پروٽيڪشن يونٽن کي فعال ڪيو وڃي

قانون جي نه هجڻ ڪري پوري ملڪ ۾ گهرن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ٻارن ۽ عورتن تي تشدد جا واقعا وڌي رهيا آهن

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ليگل رائٽس فورم جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ملڪ طاهر اقبال پروجيڪٽ مينيجر سجاد علي لولائي، سي آر سي ڪوآرڊينيٽر نياز چانڊيو پريس ڪلب دادو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ملڪ ۾ گهرن اندر ڪم ڪندڙ ٻارن کي تحفظ، صحت ۽ سوشل ذميداري پوري ڪرڻ لاءِ قانون جي نہ هجڻ ڪري پوري ملڪ ۾ گهرن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ٻارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو :ليگل رائٽس فورم جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ پرسان ٻن الڳ الڳ حادثن ۾ ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال داخل

سڪرنڊ(رپورٽر) سڪرنڊ پرسان ٻن الڳ الڳ حادثن ۾ ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا پهريون واقعو ڳوٺ حاجي ڪيريو اسٽاپ وٽ پيش آيو جتي ٻن نوجوان موٽر سائيڪل سوارن جو آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي موٽر سائيڪل سوار شهريار ڪيريو ۽ مير رضا ڪيريو زخمي ٿي پيا ٻيو واقعو سڪرنڊ قومي شاهراهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

لکي غلام شاهه : رڪ ريگيوليٽر تي ڪيرٿر ڪئنال کي 50 فوٽ ڳهاري تي رپورٽ طلب

اڳوٽو ضلعي ناظم محمد عارف خان مهر ڳوٺ ڏٽي ڏني جي وانڍ ۾ پهچي ٻي گهر ٻٽيل راڄڙ برداري سان ڏک جو اظهار ڪيو

هي جيڪو بہ واقعو پيش آيو آهي ان ۾ آفيسرن ايس ڊي او انجنئر ۽ چيف انجنئر جي غفلت جي ڪري پيش آيو آهي : ڳوٺاڻا

ڳهارو لڳڻ ڪري جاني ۽ مالي نقصان انتظاميه اگهور ننڊ ستل، پاڻي ۾ ٻڏل ماڻهن جون دانهون ڪو بہ تدارڪ نه ٿي سگهيو

لکي غلام شاهه(رپورٽر) رڪ ريگيوليٽر تي ڪيرٿر ڪئنال کي 50 فوٽ ڳهاري واري معاملي جو سول جج لکي ۽ اڳوٽو ضلعي ناظم محمد عارف خان مهر ڳوٺ ڏٽي ڏني جي وانڍ ۾ پهچي ٻي گهر ٻٽيل راڄڙ برداري سان ڏک جو اظهار ڪيو ۽ هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي سپاٽي لکي سول ڪورٽ طلب ڪري ورتو جڏهن ته ايريگيشن عملو موجود نہ هجڻ ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪوٽڙي : ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو عبدالواحد شيخ جي صدارت هيٺ پوليو بابت اجلاس

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ارشاد ڪمالائي، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر امام دين ڪوسو، اسسٽنٽ ڪمشنر سميع الله سنجراڻي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

28 آگسٽ کان شروع ٿيندڙ ٻارنهن ڏينهن تائين ضلعي جي سمورن ٻن سالن جي ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويندا : ڊاڪٽر محمد رضا پنهور

سمورن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪن جي عمل کي باقاعدگي سان يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن بہ قسم جي غفلت کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو

ڪوٽڙي(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو عبدالواحد شيخ جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ حفاظتي ٽڪن مهم بابت اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ اي پي آئي فوڪل پرسن ڊاڪٽر محمد رضا پنهور ٻڌايو ته 28 آگسٽ کان شروع ٿيندڙ ٻارنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪوٽڙي : ڊپٽي ڪمشنر عبدالواحد شيخ اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڄامشورو جي مارئي هاسٽل جي گيٽ سامهون ڌرڻي هڻڻ جو اعلان، ڊائريڪٽر يونس لغاري پاران شاگردن سان بدتميزي ۽ حراسمينٽ ڪرڻ خلاف احتجاج

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي پاران اسٽوڊنٽس افيئرجي بداخلاقي خلاف سپاٽي جمعي ڏينهن مارئي هاسٽل جي گيٽ سامهون ڌرڻي هڻڻ جو اعلان تفصيل موجب : ڄامشورو سپاف ضلع ڄامشورو جي صدر فياض جمالي جنرل سيڪريٽري فهيم زرداري ۽ نائب صدر رضوان ڏاهاڻي جي اڳوائي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏهرڪي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي سڏ تي سوين شاگردن پاران احتجاجي مارچ

پريس ڪلب تائين سوين شاگردن پاران احتجاجي مارچ ڪيو ويو، گهوٽڪي ضلعي کي يونيورسٽيز جي قيام جا نعرا پڻ هنيا ويا

اسان جو ضلعو گهوٽڪي واحد ضلعو آهي جيڪو ڪراچي کان پوءِ ٽيڪس ادا ڪندڙ ضلعو آهي پر افسوس ڪا يونيورسٽي ناهي : مظاهرين

هتان جي ضلعي گهوٽڪي اندر يونيورسيٽيز جو هجڻ تمام گهڻي ضرورت آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۽ ڏهرڪي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي سڏ تي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ميرپورماٿيلو کان ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو تائين سوين شاگردن پاران احتجاجي مارچ، اسان جو ضلعو گهوٽڪي واحد ضلعو آهي جيڪو ڪراچي کان پوءِ ٽيڪس ادا ڪندڙ ضلعو آهي. پر افسوس سان اسان جي ضلعي اندر ڪا بہ يونيورسٽيز ناهن، هتان جا ڪافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

لاڙڪاڻي ۾ ريلوي کاتي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

نئين ملازمن وقت سر پگهارون ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پينشن توڙي ڪچن ملازمن کي پڪو نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ريلوي کاتي جا بالا آفيسر ملازمن کي وقت سر پگهارون نہ ڏئي ڪين ٻارن سميت بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

نوٽيس وٺي رٽائرڊ ملازمن کي پينشن جي رقم جاري ڪري ڪچن ملازمن کي مستقل ڪري ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ريلوي کاتي جي نئين ملازمن وقت سر پگهارون ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پينشن توڙي ڪچن ملازمن کي پڪو نہ ڪرڻ خلاف لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن هٿن ۾ بينر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ملازم اڳواڻن خدا بخش نوحاڻي، شاڪر، موسي خان لهر، بخش بلوچ، علي نواز زرداري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو : ريلوي کاتي جي ملازمن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورماٿيلو: ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري انتظاميا نيشنل هاءِ وي سان پوڪيل وڻن جي واڍي شروع ڪري ڏني

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري ميرپورماٿيلو جي انتظاميا پاران نيشنل هاءِ وي سان پوڪيل وڻن جي واڍي شروع ڪري ڏني، ڪيترائي قيمتي وڻ وڍجي ويا، وڻن جي ڪٽائي دوران ميرپورماٿيلو پوليس بہ موجود، پاسي صحافين کي اينڊو ڏسي پوليس کسڪي وئي، ڪٽيل وڻ واقعي واري هنڌ ٻيل تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول ۾ تعليمي ادارن تباهه حالي جو شڪار، ٻارن جي تعليم متاثر

بنيادي سهولتون نه هئڻ سان گڏ ڪيترا اسڪول بند هئڻ ڪري هزارين جي تعداد ۾ ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم بڻيل

عمارت زبون حال هئڻ ڪري معصوم شاگرد ۽ شاگرديائيون وڻ هيٺان زمين تي پلاسٽڪ چٽائي وڇائي تعليم پرائي رهيا آهن : رهواسي

ڳوٺ سائونڻ ڪنبرا جي پرائمري اسڪول گذريل 8 سالن کان بند هئڻ ڪري ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم آهن

سجاول(رپورٽر) سجاول ۾ تعليمي ادارن تباهه حالي جو شڪار، سوين اسڪولن جون عمارتون زبون حال ۽ بنيادي سهولتون نہ هئڻ سان گڏ ڪيترا اسڪول بند هئڻ ڪري هزارين جي تعداد ۾ ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم بڻيل. سجاول ويجهو پرائمري اسڪول عبدالرشيد ماڇي جي عمارت زبون حال هئڻ ڪري 60 کان مٿي معصوم شاگرد ۽ شاگرديائيون وڻ هيٺان زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 25 آگسٽ 2023ع

بجليءَ جي اگهه ۾ واڌ وارو ’اُم المسائل‘ قدم

هن ملڪ جي مسند نشين ماڻهن جو ان سان ڇا وڃي ته عوام غربت جي تحت الثريٰ ۾ ذلت جي زندگي گذاري رهيو آهي، انهن کي ته عالمي استحصالي ادارن جي فرمائش تي عوام مٿان بار وڌائي انهن جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نٿي ٿئي. خاص طور تي عوام جي جيڪا حالت گذريل سوا سال جي حڪمرانيءَ دوران ڪئي وئي آهي، جيڪي قدم ان دور ۾ کنيا ويا آهن، انهن سان زندگيءَ جي اذيت موت کان به سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي. ماڻهو زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. آپگهات جو رجحان خطرناڪ حد تائين وڌندو پيو وڃي. اهو سڀ ڪجهه مهانگائيءَ وڌڻ ۽ جيئڻ لاءِ گهربل بنيادي ضروري اسمن تائين عوام جي رسائي نه هجڻ جي ڪري آهي. ڪنهن نقطي تي پهچي اهي بس به ڪن، ساهي پٽين، پر اهي ائين ڪرڻ بدران مهانگائيءَ کي مهميزون هڻڻ وارو ڪانٽو سڌو تي رکيو اچن. ڪالهه به اهڙو ئي فيصلو ڪندي غربت جي ماريل عوام تي وڌيڪ بار وجهندي بجليءَ جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. نيپرا بجلي 5 رپيا، 4 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نيپرا ۾ مالي سال 23_2022ع جي چوٿين ته ماهي ايڊجسٽمينٽ تي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ نيپرا بجلي جي قيمتن ۾ واڌ جي منظوري ڏني. نيپرا طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته لائيف لائين واهپيدارن تي ان واڌ جو ڪو به اثر نه پوندو.

هونئن ته اسان وٽ لاتعداد مسئلا آهن، جن کي حل ڪرڻ بدران مسئلن کي وڌايو ويندو آهي ۽ پوءِ مسئلا اهڙي منجهيل سٽ جي صورت وٺندا آهن، جن کي سلجهائڻ مشڪل بڻجي ويندو آهي. اهڙن ئي مسئلن مان هڪ مسئلو ٻارڻ جون قيمتون وڌائڻ آهي. اهو اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي ”ام المسائل“ چئي سگهجي ٿو. اهو مسئلو سوين مسئلن کي جنم ڏيندو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جي باوجود حڪمران ٻارڻ جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ ڪندا ويندا آهن. ڪڏهن تيل جون قيمتون وڌايو ڇڏين، ڪڏهن گئس جا اگهه وڌايا وڃن ٿا ۽ ڪڏهن وري بجلي جي قيمتن ۾ واڌ ڪئي وڃي ٿي. توڙي جو حڪمران اهو ڄاڻن ٿا ته ٻارڻ جي قيمتن ۾ واڌ ٿيڻ سان هر شيءِ جون قيمتون وڌيون وينديون آهن. مهانگائي چوٽ چڙهي ويندي آهي، غريب ۽ وچولو طبقو زندگيءَ لاءِ ضروري اسمن تائين رسائي کان محروم ٿي ويندو آهي. هن وقت ئي حالت اها آهي ته ماڻهو غربت ۽ اُٿهوند سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن ۽ حڪمران عالمي مالياتي استحصالي ادارن جي فرمائش تي ٻارڻ جون قيمتون وڌائي مهانگائي کي مهميزون هڻي رهيا آهن. هڪ پاسي اهي اعلان ڪيا پيا وڃن ته ملڪ ۾ وڏي پئماني تي پرڏيهي سيڙپ آندي ويندي پر سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته سيڙپڪار اتي ئي موڙي سيڙائيندا آهن، جتي انهن جي سيڙپ کي تحفظ هجي ۽ ٻارڻ جا اگهه گهٽ هجن، ڇو ته ٻارڻ جا اگهه وڌيل هجڻ جي ڪري پيداواري لاڳت وڌي ويندي آهي، جنهنڪري اهڙا ملڪ سيڙپڪارن جي ترجيح نه هوندا آهن، جتي ٻارڻ جون قيمتون وڌيل هجن پر حيرت اها آهي ته حڪمران عالمي مالياتي ادارن جي فرمائش تي ٻارڻ جون قيمتون وڌائيندا وڃن ته ساڳئي وقت پرڏيهي سيڙپڪارن کي به دعوتون ڏيئي رهيا آهن. بجلي تي ئي زندگيءَ جو سمورو وهنوار آڌاريل هوندو آهي. هڪ طرف اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ شٽ ڊائون جي ذريعي بجلي بند ڪئي ويندي آهي، ماڻهن کي 24 ڪلاڪن مان صرف چند ڪلاڪ بجلي ميسر هوندي آهي ته وري ٻئي طرف حالت اها آهي جو بجلي ڏيڻ بدران حڪمران بجلي جا اگهه وڌائيندا وڃن. لڳي ائين ٿو ته حڪمران عوام کي پٿرجي دور ۾ پهچائي ساهه پٽيندا. عوام تي حاتم طائي واري سخاوت اها ڪئي اٿن ته، انهن جي چوڻ موجب، لائيف لائين واهپيدارن تي، وڌايل قيمتن جو اثر نه پوندو پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته لائيف لائين واهپيدار اهي آهن، جيڪي سڄي مهيني ۾ 100 يونٽ بجلي استعمال ڪن ٿا ۽ هن دور ۾ جڏهن پاڻيءَ جي سپلاءِ کان وٺي روشني ۽ پنکن تائين، واشنگ مشين کان وٺي ٽيليويزن تائين هر شيءِ بجليءَ تي آڌاريل آهي، اهڙي صورتحال ۾ ملڪ ۾ گهٽا گهر هوندا، جن ۾ مهيني ۾ 100 يونٽن کان گهٽ بجلي استعمال ڪئي ويندي هجي!

نگران حڪمرانن کي گهرجي ته اهي اڳ ئي مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي پنهنجي عارضي حڪمرانيءَ واري عرصي ۾ رليف ڏين ته جيئن سک ۽ سهنجائيءَ وارا امڪان پيدا ٿي سگهن. بجليءَ جي قيمتن ۾ واڌ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي.

خوڪشيون ڇو پيون ٿين ؟

طفيل مگسي

هن ڌرتي جي گولي تي لکين قسمن جا جاندار رهن ٿا ۽ انهن سمورن جاندارن جي اها ڪوشش هوندي آهي ته اهي زنده رهن ۽ زندگي جي ان سفر کي جاري رکڻ جي لاءِ پنهنجو نسل اڳتي وڌائين. زنده رهڻ جي لاءِ سمورن جاندارن کي توانائي جي حاصلات ۽ فطرت جي سمورين سختين جي خلاف هڪ مسلسل جنگ وڙهڻي پوي ٿي. جيڪا جنگ بقا جي جنگ آهي. جيڪا ڪروڙين سالن کان جاري آهي. زنده رهڻ جي اهائي جنگ انهن جاندارن جي ترقي جو سبب بڻبي آهي. جيڪڏهن حيواني دنيا تي نظر ڊوڙائي وڃي ته اها ويڙهه اسان کي بلڪل چٽي نظر ايندي جتي خوراڪ جي حاصلات، ٻين جانورن ۽ موسم جي سختين کان بچڻ جي لاءِ سمورا جانور هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا. انساني ترقي جنهن کي انسان جي خداداد صلاحيتن ۽ غير معمولي ڏاهپ جو نتيجو قرار ڏنو وڃي ٿو اصل ۾ زندگي کي قائم رکڻ جي لاءِ سالن جي مسلسل جدوجهد جو نتيجو آهي.

سمورن جانورن کان مادي ۽ ذهني ترقي جي باوجود اڄ انسان جو تمام وڏو انگ بقا جي ان فطري جنگ کي ڇڏي ڪري پنهنجين زندگين کي پاڻ پنهنجن هٿن سان فنا ڪري رهيو آهي. عالمي صحت جي اداري(ڊبليو ايچ او) جي مطابق دنيا ۾ هر 40 سيڪنڊ ۾ هڪ شخص خودڪشي ڪري ٿو ۽ اهو انگ ڪنهن به جنگ يا قدرتي آفت ۾ مرڻ وارن جي انگ کان تمام گهڻو آهي. ان ۾ نشي انفرادي دهشتگردي ۽ ٻين فطري طريقن سان جان وڃڻ وارا پڻ شامل آهن. جن جو تمام. وڏو انگ آهي. ڪرونا ويا ڪانپوءِ خودڪشي ڪرڻ وارن جي انگ ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو آهي. خودڪشي ڪرڻ وارن انهن فردن منجهان اڪثريت اهڙي آهي جيڪا ڪنهن لاعلاج جسماني بيماري جي اذيت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ نه بلڪ ذهني اذيت کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿي.

خودڪشي جهڙي غير فطري عمل جو بنيادي سبب سرمائيداري جو معاشي ڏاڍ، نجي ملڪيت ۽ وسيلن جي اڻبرابري واري ورهاست جي نتيجي ۾ جنم وٺڻ واري طبقاتي ورهاست ٿي آهي ته جنهن ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري سميت ٻيون محروميون ۽ مجبوريون انسان کي ان اذيت ناڪ زندگي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. صرف هندستان ۾ هر سال هزارين هاري قرض ادا نه ڪرڻ جي سبب کان خودڪشي ڪري ڇڏين ٿا. ان کان علاوه سموري دنيا ۾ نوجوانن جو تمام وڏو انگ بيروزگاري جي ذلت کان تنگ اچي ڪري خودڪشي ڪري ٿو منڊي جون انڌيون قوتون جڏهن انسانن جي مقدر جو فيصلو ڪن ٿيون ته انسانن جي تمام وڏي انگ کي زندگي جي حق کان محروم ڪري ڇڏين ٿيون. محنت ڪش طبقي سان تعلق رکڻ وارا فرد پاڻ کي بيوس ۽ لاچار محدوس ڪن ٿا. منڊي جي لهڻ چڙهڻ جي نتيجي ۾ مستقبل جي حوالي کان بي آرامي ۽ زندگي کان ئي مايوس ڪري ڇڏي ٿو انهن محرومين ۽ مجبورين کان ڇوٽڪارو انفرادي طور تي اڪثريت جي لاءِ موت جي صورت ۾ ئي ممڪن آهي. بقول غالب جي.

قيد حيات وبند غم اصل مين دونون ايک هين
موت سي پهلي آدمي غم سي نجات پائي کيون.

سرمائيدارانو نظام نه صرف انسانن جي اڪثريت جو معاشي قتل عام ڪري ٿو بلڪ اهو انسان جي جذبن ۽ احساسن کي قتل ڪري ان کي روحاني غربت ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿو سرمائيدارانه پيداواري طريقي جي نتيجي ۾ جنم وٺڻ واري مقابلي بازي خودغرضي، اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ انسان کي ڪيترن مسئلن کان پريشان ڪري رکيو آهي. انسان معاشرتي حيوان آهي. جيڪو ڪڏهن به اڪيلو خوش نٿو رکي سگهي. اهوئي سبب آهي ته سرمائيداري جي افاديت ۽ مقابلي بازي جي نفسيات انسان کي پنهنجو دشمن سمجهي ٿو چوٽ سرمائيداري ۾ اڳتي وڌڻ جي لاءِ ٻين انسانن کي پوئتي ڌڪڻ ضروري آهي. هتي انسان جي ڪاميابي جي لاءِ ٻين انسانن جي ناڪامي لازمي آهي. محنت ڪشن جي محنت جو استحصال ڪرڻ بنا ڪو انسان امير نٿو ٿي سگهي. هن نظام ۾ هر تعلق، هر رشتو لالچ ۽ خودغرضي ۽ مفادن تي مشتمل آهي. نظام زر ڪاميابي ۽ خوشي جو اڪيلو ذريعو پئسن جي حاصلات آهي. پئسي جي ذريعي حاصل ٿيڻ واري خوشي نهايت مصنوعي ۽ عارضي هوندي آهي. ناڻي جي حاصلات جي ڊوڙ انسان کي وحشي ۽ درندو بڻائي ڇڏي ٿي. بيرحم استحصال جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ واري مادي دولت ۾ انسان جي روحاني غربت جو خاتمو نٿي ڪري بلڪ ان ۾ وڌيڪ واڌارو ڪري ٿي. جنهن جو خاتمو سرمائيدار حڪمران طبقو صدقن وخيرات سميت فلاحي ڪمن جي ذريعن سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو روحاني سڪون جي لاءِ حڪمران طبقي جا فرد نشي ۽ تصوف جي پاسي لاڙو ڪن ٿا. جڏهن اتي به سڪون نٿو ملي ته موت ۾ پناهه تلاش ڪن ٿا. ان نظام ۾ سرمائيدار حڪمران طبقو به پاڻ ناڻي جي گهرجن جو غلام آهي.

خودڪشي جو هڪ تمام وڏو سبب ان نظام جي پيداڪيل بي مقصديت آهي. انسان کي پنهنجو وجود بيڪار لڳڻ لڳي ٿو هن کي زندگي ۾ ڪو اهڙو مقصد نٿو ملي. جنهن جي لاءِ هو زنده رهي. سرمائيداري انسان کي ان تخليقي عمل کان ويڳاڻو ڪري هن کان خوشي ۽ زندگي جو مقصد ڇني ورتو آهي. اڳ ۾ انسان کي مختلف شيون ٺاهي خوشي حاصل ٿيندي هئي. محنت ڪش طبقو پنهنجيون ٺاهيل شيون نٿو وٺي سگهي. ائين هو ان نظام جي ڪوڙين خوشين کان محروم ٿيئي ٿو جيڪا شين کي حاصل ڪري ٿيئي ٿي. مارڪس محنت ڪشن جي ان نفسياتي ڪيفيت کي ويڳاڻپ واري فلسفي ۾ وضاحت سان پيش ڪيو آهي.

مارڪس جي ويچهو انسان جون صفتون ئي اهڙيون آهن جيڪي هن کي ٻين حيوانن کان ممتاز ڪن ٿيون. هن جو با اختيار ۽ شعوري تخليقي عمل آهي. جنهن جي ذريعي هو پنهنجي ذات جو اظهار ذات جي جوڙجڪ ۽ پورائو ڪري ٿو محنت انهيءَ اظهار ذات ۽ ذات جي پورائي جو هڪ وسيلو ٿي آهي. انساني محنت هن کي ٻين حيوانن کان الڳ بحيثيت انساني نوع جي تسليم ڪرائڻ جو عمل آهي. سرمائيدارانه نظام ۾ اهو تخليقي انساني عمل سرمائيدار جي قبضي ۾ هليو وڃي ٿو سرمائيداري ۾ مزدور جي حيثيت مشين جي پرزي کان وڌيڪ ناهي ۽ مزدورن جي چرپر به ميڪانڪي طرز جي هوندي آهي. ان لاءِ هن کي پنهنجي ڪم سان ڪا دلچسپي نٿي رهي.

اهوئي سبب آهي ته انسان جي اڪثريت يعني محنت ڪش پنهنجي محنت ۽ محنت جي نتيجي ۾ ٿيڻ واري پيداوار کان ويڳاڻپ ٿي وڃي ٿي. چوٽ محنت ڪشن جي محنت ان جي پنهنجي ملڪيت ناهي هوندي بلڪ ان جي ذات کان خارج شيءِ بڻجي وڃي ٿي. جنهن تي سنڌس ڪو اختيار ناهي هوندو محنت کان جيڪي ڪجهه پيدا ٿيئي ٿو اهو به سرمائيدار جي ملڪيت هوندو آهي. جن پيداواري اوزارن جي تحت هو محنت ڪري ٿو اهي به سرمائيدارن جي ملڪيت هوندا آهن. محنت ڪش جي پيداوار ۽ ٻين انسانن کان ويڳاڻپ جي نتيجي ۾ انسان جي محنت ڪرڻ ۽ زنده رهڻ جو اڪيلو مقصد پيٽ پرڻ ۽ ٻار پيدا ڪرڻ رهجي وڃي ٿو اهائي ويڳاڻپ انسان جي پنهنجي زندگي کان بيزاري ۽ سماج کان لاتعلقي کان ٿيئي ٿي. سماج دشمن ۽ ديوانگي جي حد تائين وڃي سگهي ٿي. جتي انسان نه صرف خودڪشي جي ذريعي پنهنجي جان وڃي ٿو بلڪ خودڪش بم ڌماڪن ۽ ٻين دهشتگرد ڪاروائين جي ذريعي انسان جون زندگيون وٺڻ کان به پاسو نٿو ڪري.

جيستائين غير انساني ۽ غير فطري سماج موجود آهي. انساني زندگي ائين ئي اذيت جو شڪار رهندي. انهيءَ ريت انسان موت ۾ زندگي ۽ قبر ۾ سڪون تلاش ڪندو رهندو. ان نظام جي جبر کان ڇوٽڪاري جو انفرادي حل اڪثريتي انسانن جي لاءِ خودڪشي آهي. ليڪن ڪروڙين انسان گڏيل خودڪشي نٿا ڪري سگهن.

محنت ڪش بقا جي فطري جدوجهد ڪندي انقلاب جي وسيلي ان نظام جو ئي خاتمو ڪري ڇڏيندا. جيڪي انسانن کي غير فطري موت ڏئي رهيو آهي. تاريخ اهڙن انقلابن سان ڀري پئي آهي. جڏهن ڪو نظام اڪثريتي انسانن جي لاءِ برداشت جي قابل نه ٿي وڃي محنت ڪش عوام ان کي پاڙ کان پٽي ڦٽو ڪن ٿا. اڄ سرمائيدارانو نظام به اڪثريتي انسانن جي لاءِ ناقابل برداشت ٿي ڪري رهجي ويو آهي نفعوخوري ۽ خودغرضي تي مشتمل نظام کي شڪست ڏئي ڪري ئي انسان کي اڪيلائي، ويڳاڻپ ۽ مايوسي جي جڪڙ کان ڪڍي سگهجي ٿو.

سوشلسٽ انقلاب جي وسيلي نجي ملڪيت جو خاتمو ڪندي ئي انساني زندگي هر منڊي جي بي رحم قوتن جي بجاءِ انسانن جو پنهنجو اختيار قائم ڪري سگهجي ٿو جتي انساني تخليقي عمل ان جي مجبوري نه بلڪ شوق هوندو جتي زندگي تي موت ۽ حال تي ماضي نه هجي. جيئن ٽرانسڪي چيو هو ته ”زندگي نهايت ئي خوبصورت آهي مگر الميو اهو آهي ته نهايت ئي بدصورت ۽ وحشي دولت جي نظام جي هٿان قيد آهي. سوشلزم جو بنيادي مقصد زندگي جي ڏاڍ کان آزادي آهي“:::

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪرِ مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

ماءُ جو کير ٻار جو بنيادي حق آهي

تحرير: مير غلام عابد ٽالپر

پيشاورانه والدين بنا ڪنهن فرق جي ٻار جي ڄمڻ کان ماءُ جي کير لاءِ ماءُ کي همٿائن.

عالمي سطح تي عالمي ادارن پاران هر سال ملهائيندڙ خصوصي ڏينهن منجهه صحت جي ادارن پاران هر سال وانگر سال 2023 ۾ دنيا سطح تي پهرين کان 7 آگسٽ تائين ڄاول ٻار لاءِ ماءُ جي کير جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هفتو ملهايو ويو ضلعي خيرپور اندر ڪم ڪندڙ عالمي تنظيم نيوٽريشن انٽرنيشنل جي پروگرام تازي ڄاول ٻار ۽ ماءُ جي صحت ۽ غذائيت تحت هر سال جيان هن سال ضلعي هيلٿ آفيس جي سهڪار سان ضلعي سطح تي پهرين آگسٽ کان ست آگسٽ تائين ماءُ جو کير ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ والدين بنا ڪنهن فرق جي ٻار جي ڄمڻ کان ماءُ جي کير لاءِ ماءُ کي همٿائن جي موضوع تحت 1 _7 آگسٽ جي دوران مختلف سرگرميون ڪيون ويون. جنهن ۾ آگاهي سيمينار 4 آگسٽ تي ڊي ايڇ او آفيس خيرپور جي سيمينار هال ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر، ڪميونٽي مڊ وائيفري اسڪول جي شاگردياڻين، ميڊيڪل اسٽاف، ميڊيا جي نمائندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ ڊاڪٽر باغ علي بوزدار (ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور) ڊاڪٽر محمد يوسف جتوئي (اي ڊي ايڇ او خيرپور) ڊاڪٽر عبد الحق ميتلو (اي ڊي ايڇ او اي پي آءِ خيرپور) ڊاڪٽر طاهرا ڪنول گاجاڻي(ڊي ڊي ايڇ او آر ايم اين سي ايڇ اين خيرپور) عبد المالڪ ميمڻ (اسٽيٽيڪل آفيسر خيرپور) راشد مهيسر (ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ خيرپور اي) پروگرام جي آرگنائيزر مير غلام عابد ٽالپور (ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر نيوٽريشن انٽرنيشنل، شفا فائونڊيشن، ايم اين ايڇ اين پروگرام خيرپور) سيمينار جي موضوع جي مناسبت سان ماءُ جو کير ٻار جو بنيادي حق، والدين جي ڪردار، ٻهراڙي سطح تي معلومات کي عام ڪرڻ، ۽ مائرن کي همٿائڻ ته ٻار جي ڄمڻ کان وٺي پنهنجو کير خوراڪ جي طور تي استعمال ڪن. ان موقعي تي ٻارن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر شيراز چنا ٻار جي پيدائش کان بيمارين جي لاحق خطرن ۽ ماءُ جي کير جي اهميت بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ٻار جي لاءِ ماءُ جي کير کان وڌيڪ ڪا به غذا بهتر نه آهي. ماءُ جو کير ٻار جي ڄمڻ کان وٺي ان جي قوت مدافعت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

ان سلسلي ۾ خيرپور ضلعي ۾ نيوٽريشن انٽرنيشنل، شفا فائونڊيشن ايم اين ايڇ اين پروگرام تحت مختلف سرگرمين جو سلسلو 1 آگسٽ کان 7 آگسٽ 2023 تائين منعقد ڪيو ويو پروگرام جي مناسبت سان آگاهي پروگرامن ۾ هڪ روزه آگاهي سيمينار، آگاهي واڪ، ڳوٺاڻي، شهري عورتن، مردن جي لاءِ ضلعي اندر مختلف هنڌن تي آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويا. ڳوٺاڻي، شهري سطح تي عورتن سان آر ايم اين سي ايڇ جي ٽيم، ليڊي هيلٿ ورڪرن، ليڊي هيلٿ سپروائزر جي سهڪار سان سيشن منعقد ڪيا ويا. آگاهي سيشن جي پروگرامن ۾ مائرن، حمل سان، نوجوان عورتن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. آگاهي سيشن جو مقصد عورتن ۾ ماءُ جي کير جي اهميت، پروگرام جي مقصد ماءُ جو کير ٻار جو بنيادي حق آهي کي اجاگر ڪن ته جيئن ٻار جي پيدائش جي وقت کان ان جي وقتائتي گهربل، سار سنڀار ٿي سگهي. آگاهي سرگرمين ۾ ڌرتي تي ٻار جي ڄمڻ جي وقت کان ماءُ جي کير کي غذا طور استعمال ڪرڻ کي يقيني بنائڻ جي لاءِ مسجدن ۾، نماز جي دوران، مذهبي اڳواڻن، پيش امام، خطيب کان عبادتگاهن، مسجدن ۾ اعلان ڪرايا ويا. ان دوران پيش امام ديني پس منظر، مذهبي حوالن سان پڻ پيغام کي واضع نموني عوام تائين پهچايو ان سلسلي جي ڪڙي عام ماڻهن جي استعمال هيٺ پبلڪ ٽرانسپورٽ، رڪشا، ٽيڪسي وغيره تي اصلاحي پيغام جي آگاهي بينر پڻ آگاهي مهم جو حصو رهيا. اهڙي ريت پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ آگاهي پروگرام تحت، صحت مرڪزن تي پڻ بينر لڳايا ويا.

نيوٽريشن انٽرنيشنل، شفا فائونڊيشن ايم اين ايڇ اين پروگرام تحت جي هن پروگرام تحت ريڊيو پاڪستان خيرپور تان خصوصي ٽرانسميشن وسيلي، خصوصي پروگرام پڻ ترتيب ڏنا ويا. جنهن ۾ ٻارن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر آفتاب حسين لاشاري، عورتن جي حوالي سان بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر ڊاڪٽر فوزيه انڙ (سينيئر گائنا ڪالاجسٽ، اسسٽنٽ پروفيسر ڪي ايم سي خيرپور) جا خصوصي انٽرويو پڻ نشر ڪيا ويا. ريڊيو وسيلي آگاهي پروگرام تحت خيرپور ضلعي جي ڏورانهن علائقن سان واسطو رکندڙ آبادي تائين پيغام جي رسائي کي ممڪن بنائڻ آهي. ان آگاهي جي مسلسل سرگرمين ۾ ضلعي خيرپور سان واسطو رکندڙ 31220 عورتن 21460 مردن تائين آگاهي جي مقصد کي عام ڪيو ويو جڏهن ته ميڊيا ، اخبار، سوشل ميڊيا جي وسيلي معلومات حاصل ڪندڙ مرد عورتن جو تعداد پڻ هن پروگرام جي مقصد جو حصو آهي

بقايا *** 01

شريف کي پيغام اماڻيو آهي ته عمران خان کي اسٽيبلشمينٽ معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي اوهان عمران خان کي معاف ڪيو هو ته ايندڙ چونڊن ۾ حصو وٺندو ته پي ٽي آءِ سياست ۾ حصو وٺندي. ناميارو صحافي جو چوڻ آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو کي بچائڻ ۽ پناهه ڏيڻ لاءِ ترڪي اهم ڪردار ادا ڪيو هو پر ڀٽو پرڏيهه وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو نواز شريف کي بچائڻ لاءِ سعودي عرب اڳيان آيو ۽ نواز شريف کي سعودي عرب نيو ويو پر عمران خان لاءِ ڪنهن به دوست ملڪ پاڪستان حڪومت سان رابطو نه ڪيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته عمران خان پنهنجي دور ۾ دوست ملڪن سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ بدران خراب ڪيا، سي پيڪ تي ڪم بند ڪري چين کي ناراض ڪيو، سعودي شاهي خاندان بابت غلط ڳالهيون ڪيون. انهن جا قيمتي تحفا پڳهڙن مٺ تي بازارن ۾ وڪرو ڪيا. نتيجي طور دوست ملڪن کي ناراض ڪيو ان ڪري ڪنهن به ملڪ عمران خان سان نه همدردي ڪئي آهي نه ئي ڪيس رعايت ڏيارڻ لاءِ حڪومت سان رابطو ڪيو آهي. اسٽيبلشمينٽ به ساڻس رعايت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اها پي ٽي آءِ پروپيگنڊا ڪري رهي آهي ته عمران خان کي پرڏيهه وڃڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي. ان ۾ ڪا به صداقت نه آهي.

بقايا *** 02

ٻڌايو ويو آهي ته اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۾ 26 جون تي ترميم ڪئي وئي، ان ترميم کان اڳ صدر چونڊن جي تاريخ لاءِ ڪميشن سان مشاورت ڪندو. خط ۾ چيو ويو آهي ته هاڻي سيڪشن 57 ۾ ترميم ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن کي تاريخ يا تاريخون ڏيڻ جو اختيار آهي. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 48 فائيو کي آئين جي آرٽيڪل 58 ٽو ڪي سان گڏ پڙهيو وڃي. وزيراعظم جي سفارش تي اسيمبلي ٽوڙڻ تي ڪميشن کي عام چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار آهي ياد رهي ته گذريل ڏينهن صدر ڊاڪٽر عارف علوي مُلڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جي فيصلي لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا کي خط لکيو هو صدر ڊاڪٽر عارف علوي طرفان چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا کي لکيل خط ۾ اڄ يا سڀاڻي ملاقات جي دعوت ڏني وئي هئي. عارف علوي طرفان لکيل خط ۾ چيو ويو هو ته صدر نوَ آگسٽ تي وزيرِ اعظم جي مشوري تي قومي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. صدر آئين جي آرٽيڪل 48(5) تحت عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ اسيمبلي ٽٽڻ جي تاريخ جي 90 ڏينهن اندر تاريخ مقرر ڪرڻ جو پابند آهي. خط جي متن ۾ چيو ويو هو ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي اڄ يا سڀاڻي صدر سان ملاقات لاءِ دعوت ڏني وڃي ته جيئن عام چونڊن لاءِ مناسب تاريخ طئي ڪري سگهجي. ياد رهي ته اڳوڻي وزيرِ اعظم شهباز شريف نوَ آگسٽ تي صدر ڏانهن قومي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري اماڻي هئي جنهن تي صدر عارف علوي ان ئي ڏينهن صحيح ڪندي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي هئي.

بقايا *** 03

راءِ طلب ڪري ورتي ايوان صدر موجب صدر جي ڪالهوڪي خط جي جواب ۾ اليڪشن ڪميشن جي موقف تي قانون واري وزارت کان راءِ گهري آهي بيان ۾ چيو ويو ته صدر طرفان قانون واري وزارت جي سيڪريٽري تالي اليڪشن ڪميشن جي جوابي خط تي قانوني راءِ بابت خط لکيو ويو آهي. بيان موجب اليڪشن ڪميشن جو موقف آهي ته چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار رڳو اليڪشن ڪميشن وٽ آهي.

بقايا *** 04

۽ ريٽي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر ٽرپل سينچري مڪمل ڪري ورتي، انٽربينڪ ۾ ڊالر 36 پئسن جي اضافي سان 300 رپين جو ٿي ويو آهي جيڪا ملڪي تاريخ ۾ آمريڪي ڊالر جي سڀ کان بلند ترين سطح آهي. ڏينهن جي پڄاڻي تي ڊالر 58 پئسا واڌ ڪانپوءِ 300 رپيا 22 پئسا تي بند ٿيو.

بقايا *** 05

تي ٻڌل ۾ رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل سردار لطيف کوسا عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران لطيف کوسا چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڪنهن آفيسر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو مجاز قرار ڏئي سگهي ٿي، ان ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو چيو هن چيو ته اليڪشن ڪميشن چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ 4 ميمبرن تي ٻڌل هوندي آهي. رڪارڊ ۾ اليڪشن ڪميشن جو ڪمپليمنٽ داخل ڪرڻ جو ڪو اجازت نامو ناهي. ان تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز چيو ته اليڪشن ڪميشن جو اجازت نامو رڪارڊ ۾ موجود آهي. جنهن تي لطيف کوسا چيو ته اها اجازت اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري طرفان ڏني وئي آهي. چيف جسٽس تحريڪ انصاف چيئرمين جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته توهان چئي رهيا آهيو اليڪشن ڪميشن جو ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو اجازت نامو قانون موجب ناهي؟ جنهن تي لطيف کوسا چيو ته بلڪل، اهو اجازت نامو درست ناهي. لطيف کوسا چيو ته ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي آرڊر کي به نظرانداز ڪيو. ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف اسان جي اپيل منظور ڪئي ۽ هاءِ ڪورٽ درخواست ٻيهر فيصلو ڪرڻ لاءِ ٽرائل ڪورٽ کي موڪلي. لطيف کوسا اپيل ڪئي ته تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا معطل ڪئي وڃي. سزا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي اپيل تي دليلن لاءِ اسان ٻيهر عدالت سامهون ايندا سين. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اپيل ۾ رياست کي ڌر نه بڻائڻ تي اعتراض اٿاريو جنهن تي چيف جسٽس چيو ته شڪايت ڪندڙ اليڪشن ڪميشن آهي ۽ درخواستگذار ان کي ڌر بڻايو آهي. رياست کي اپيل ۾ ڌر بڻائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته سزا ٻڌائڻ ڪانپوءِ جوابدار جو درجو ڏوهي ۾ تبديل ٿي ويو، سزا يافته هاڻ رياست جي قيد ۾ آهي. اهو نٿو چوان ته اپيل رد ڪئي وڃي. منهنجو موقف آهي ته گهٽ کان گهٽ اسٽيٽ کي نوٽيس ڪري ٻڌو وڃي. چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته رياست کي نوٽيس به ڪيون ته ڇا ٿيندو؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن وڪيل چيو ته اهو مينڊيٽ آف لا آهي ته اسٽيٽ کي به نوٽيس هجڻ گهرجي. جسٽس طارق جهانگيري چيو ته جن ڪيسن جو توهان حوالو ڏئي رهيا آهيو. ان ۾ ايف آءِ آر داخل ٿي هئي. هن ڪيس ۾ ڪا ايف آءِ آر ناهي. امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته قانون جون لاڳاپيل ٻئي شقون چون ٿيون ته رياست کي نوٽيس جاري ڪرڻ گهرجي. رياست وٽ فيصلي جي دفاع جو حق موجود آهي. رياست کي فيصلو ڪرڻو آهي ته اها فيصلي جو دفاع ڪري يا نه. چيف جسٽس عامر فاروق چيو توهان کي لڳي ٿو ته رياست اڃا چوندي سزا غلط ڏني وئي؟ اها مختصر سزا آهي ۽ بنا نوٽيس به معطل ٿي ويندي آهي. جنهن تي اليڪشن ڪميشن وڪيل چيو اهڙو ڪو فيصلو موجود ناهي ته بنا نوٽيس سزا معطل ٿي هجي. 3 سال قيد جي سزا کي گهٽ دورانيي جي سزا چٽي سزا معطلي جو چيو پيو وڃي، عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا معطلي بابت درخواست تي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 06

چونڊون ڪرائڻ آئي آهي پر اهو ڪم اليڪشن ڪميشن جو آهي. اسان کي اليڪشن ڪميشن جي حڪمن جو انتظار آهي. اسان چاهيون ٿا ته جلد اليڪشن ٿئي. سنڌس چوڻ هو ته ملڪ ۾ مهانگائي کان واقف آهيان. جيڪو واعدو ڪندس ان تي عمل به ٿيندو. ان لاءِ سڀ کان پهريان ڪڻڪ سستي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي آهي ته جئين غريبن کي اٽو سستو ملي ۽ جلد تمام بحرانن مان نڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪنداسين.

بقايا *** 07

احمد خان جي جاءِ تي ڪم ڪندو ذريعن جو چوڻ آهي ته ڀارتي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سريش ڪمار جي جاءِ تي گيتا سريواستو اسلام آباد ايندي. ذريعن موجب ٻنهي ملڪن لاڳاپيل سفارتڪارن کي ويزائون جاري ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا *** 08

نتيجي ۾ بدنصيب وين ۾ سوار ڇهن مردن ، ٻن عورتن ، هڪ معصوم ٻارڙي سميت ست ماڻهو فوت ٿي ويا آهن. ذريعن موجب فوت ٿيندڙ ۾ نادر علي ولد ممتاز علي بروهي شهداد ڪوٽ غلام حسين ولد محمد يعقوب ميمڻ پٺاڻي ڪالوني ڪوٽڙي مختيار علي ولد سفدرعلي غلام الله محمد علي ولد ذوالفقار علي لودران ذوالنقار علي ولد علي اڪبر حيدرآباد حاجران ولد سلمان راهوجو حيدرآباد هڪ نامعلوم سوار فوت جڏهن ته زخمي ۾ نورجهان زال مختيار ديرا خازي خان راحيلا پٽو ولد ربنواز پٽو نٿو غلا مصطفا ولد محمد حسين جوڻيجو سجاول عزيزه ڌي محمد ابراهيم حيدرآباد صابر علي غلام مصطفا لودران پنجاب عبداستار ولد محمد موسا ڪوسو نوشهروفيروز شعبان علي ولد غلام علي دادو قربان علي ولد اقبال صادق آباد ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا *** 09

جو چوڻ هو ته پوليس تي تمام گهڻو دٻاءُ آهي. ماڻهن کي پوليس مان اميدون آهن. ان کي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. چيف جسٽس ملاقات لاءِ گهرايو هو. امن امان اسان جي اولين ترجيح آهي. امن امان جي بحالي ۽ عوام کي رليف ڏين چاهيون ٿا. ميڊيا سان ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو ته عام چونڊن لاءِ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. عام چونڊن لاءِ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. سنڌ پوليس جي اهم ذميواري مون لاءِ اعزاز آهي. صوبي جي عوام کي بنا خوف ۽ خطري جي خدمتن عيوض پرامن ماحول فراهم ڪرڻ اولين فرض آهي. هن چيو ته مستقبل ۾ چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ پوليس کي عمده اپائن ۽ طريقيڪار کي برقرار رکيو وڃي

بقايا *** 10

جي تحت ڪينسر جي علاج جي نئين دوا لوريڪا جي قيمت 8 لک 46857 روپيه مقرر ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب دمه جي مريضن جي استعمال لاءِ ان هيلر جي قيمت 1390 روپيه. هيپاٽائيٽس جي هڪ انجيڪشن جي قيمت 10 هزار 275 روپيه ڪئي وئي آهي. پيراسيٽامول ۽ ڊيپ هائيبراڊلين جي 20 گورين جي نئين قيمت 192 روپيه هوندي. جڏهن ته مليريا ۾ استعمال ٿيندڙ ڪلورو ڪيوين جي قيمت 1 هزار 7 روپيه مقرر ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪينسر ۾ استعمال ٿيندڙ انجيڪشن بورٽيزومب جي قيمت 17 هزار 513 روپيه. انفيڪشن ۾ استعمال ٿيندڙ زيربيڪسه جي قيمت 15 هزار 356 روپيه ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 11

موجب. اعليٰ عملدارن طرفان ملاقات تي پابندي باوجود مقامي ايس ايڇ او مبينا طور تي رقم وٺي جوابدار اسد شاهه جون مريدن سان ملاقاتون ڪرائي رهيو آهي. ان کان اڳ ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي چيو هو ته هن ڪيس ۾ پوليس ڪو به دٻاءُ برداشت نه ڪندي. مظلوم ڪٽنب کي انصاف ڏيارڻ لاءِ پوليس بااثر عورت جوابدار حنا شاهه کي گرفتار ڪندي يا نه. ان حوالي سان متاثرن کي اعليٰ عملدارن ۾ انصاف جي اميد آهي.

بقايا *** 12

سامهون اچي وئي، وفد چيف سيڪريٽري، آءِ جي سميت ٻين مقررين ۽ بدلين تي اعتراض اٿاريو. پ پ سنڌ جي اڳواڻن جي نگران وزيراعظم سان ملاقات ٿي هئي، جنهن جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب ملاقات ۾ وفد وزيراعظم کي ٻڌايو ته بنا صلاح جي آءِ جي سنڌ کي تبديل ڪيو ويو ۽ ڪيس 3 سال مدو پورو ڪرڻ نه ڏنو ويو پ پ وفد خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته وفاق ۾ سنڌ جي آفيسرن کي هٽايو ويو يا سائيڊ لائن ڪيو ويو آهي. وفاق ۾ 41 وزارتن ۾ رڳو 4 سيڪريٽرين جو واسطو سنڌ سان آهي. ذريعن موجب وفد دانهن ڪئي ته سنڌ سان واسطو رکندڙ 22هين گريڊ جا 7 آفيسر پوسٽنگ کان محروم آهن. چيف سيڪريٽري به ٻئي صوبي جو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وفد سنڌ ۾ ترقياتي فنڊ فريز ڪرڻ، وڏي پئماني تي ٽرانسفر پوسٽنگ تي اعتراض ڪيو

بقايا *** 13

سعد خالد نياز سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو. جنهن دوران هن صوبي ۾ حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ تي ڳاوڙ جو اظهار ڪيو نگران وڏي وزير صوبي جي سيني اسپتالن ۽ مارڪيٽن ۾ غير معياري دوائن جي وڪري تي ڪارروائي جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. صحت واري وزير سان ٽيليفونڪ رابطي دوران ڳاوڙ جو اظهار ڪندي هن چيو ته سيني سرڪاري اسپتالن ۾ معياري دوائن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. لاڳاپيل آفيسر ميڊيسن مارڪيٽن ۾ انسپيڪشن يقيني بڻائن. ڊينگي ۽ مليريا جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ قدم کنيا وڃن ۽ سمورا مڪاني ادارا لاڳاپيل علائقن ۾ مڇر مار ڦوهارو لازمي ڪرائين. نگران وڏي وزير حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ تي رپورٽ طلب ڪندي چيو ته اسپتالن ۽ مارڪيٽن ۾ دوائن جي کوٽ جو سبب ذخيرو اندوزي آهي يا ٻيو ڪجهه، صحت کاتو جعلي دوائن جي وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ڪري. انساني زندگين سان کيڏندڙن کي بخش نه ڪيو وڃي.

بقايا *** 14

پوليس لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين کي 9 مئي تي پيچ ڏاهر جي ڪيسن جي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي. پوليس جي درخواست ۾ چيو ويو ته تحريڪ انصاف چيئرمين اٽڪ جيل ۾ آهي. ڪانئس 9 مئي جي ڪيسن ۾ جاچ جي اجازت ڏني وڃي. عدالت پوليس جي درخواست منظور ڪندي عمران خان کي 6 ڪيسن جي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

بقايا *** 15

اڳواڻن موجب ڪي اليڪٽرڪ عملو جمپر ۽ ميٽر لاهڻ آيو هو. اسان واڌو بل ڪنهن به صورت ۾ ادا نه ڪنداسين. ان معاملي تي لکت طور ڪي اليڪٽرڪ کي آگاهه ڪري چڪا آهيون. هنن چيو ته ڪي اليڪٽرڪ عملي وٽ ڪو اجازت نامو نه هو. جمپر ۽ ميٽر لاهڻ بنا جواز آهي.

بقايا *** 16

طريقي سان ڪارروائي ڪئي وڃي. هن هدايت ڪئي ته منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادارن مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. نگران گهرو وزير ۽ جيل واري وزير برگيڊيئر(ر) حارث نواز چيو آهي ته سماج مان منشيات جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪميونٽي ۽ فلاحي تنظيمن کي فعال بڻائڻ جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڪراچي پوليس آفيس جي دوري جي موقعي تي امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ گهرو سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، زونل ڊي آءِ جيز ۽ ضلعي ايس ايس پيز پڻ ان موقعي تي موجود هئا. گهرو، جيل کاتي جي نگران وزير ايڊيشنل آئي جي پي ڪراچي کي هدايت ڪئي ته سمورن خاص هنڌن تي پوليس جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ نفري ۾ اضافو ڪيو وڃي. پوليس جي گشت ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسٽريٽ ڪرائمز جي خلاف سخت ۽ فوري ڪارروائي ڪئي وڃي. جنهن ۾ گهربل ڏوهارين، سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن ۽ اشتهاري ڏوهارين جي گرفتاري شامل آهي. هن آفيسرن کي چيو ته هو پنهنجي فرضن جي پاسداري ڪن ۽ شهرين جي ڳالهه ٻڌڻ کان علاوه ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کي به يقيني بڻائن. نگران گهرو ۽ جيل واري وزير پوليس جي اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ ۽ سي پي ايل سي جو دورو پڻ ڪيو. نگران گهرو وزير ۽ جيل برگيڊيئر (ر) حارث نواز کي لاڳاپيل يونٽ ۽ سيل جي ڪارڪردگي ۽ ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني وئي.

بقايا *** 17

تا ته اسان جو ملڪ معاشري خساري ۾ هلي رهيو آهي. ڪڏهن اسان عالمي مالياتي اداري آئي ايم ايف جي طرف ويندا آهيون ته ڪڏهن اسان ٻئي اداري وٽ. جيڪڏهن اسان انهن معدني وسيلن کي استعمال ۾ آڻيون ته ملڪ جي معيشت کي تمام گهڻو سهارو ملي سگهي ٿو معدنيات ۽ معدني وسيلن واري کاتي پاران سکر، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد، حيدرآباد، ٺٽو، ڄامشورو، بدين، خيرپور، ٿرپارڪر سميت سڄي سنڌ ۾ موجود معدني وسيلن جو دورو ۽ ان جي ڳولا ڪندو ۽ جنهن ۾ ان ڳالهه جو عزم ڪيو ويندو ته ڪهڙا معدني وسيلا ڪهڙي علائقي ۾ آهن ۽ انهن جو معيار، مقدار، تناسب (سيڪڙو) ۽ مارڪيٽ ۾ انهن جو مالياتي اندازو لڳائي سگهجي ٿو جنهن کي معلوم ڪري عوام جي سامهون رکنداسين. اسان ان جي لاڳاپيل ميڊيا، سنڌ جي سمورن يونيورسٽين جي جيولسٽ ڊپارٽمينٽ، ماحوليات ڪاتي، سياحت ڪاتي، صنعتڪارن، معدني وسيلن سان مالا مال ملڪن جي ماهرن ۽ ٻين کي گهرائي ڏسجي ته انهن معدني وسيلن مان هر سال ڪيترو مالي فائدو ٿي سگهي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ سيڪريٽريٽ جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ان موقعي تي سيڪريٽري معدنيات ۽ معدني وسيلن آغا عبدالرحيم پٺاڻ ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. صحافين سان ڳالهائيندي معدنيات ۽ معدني وسيلن واري صوبائي وزير مير خدا بخش مري چيو ته معدنيات ۽ معدني وسيلن وارو کاتو منرل اسپيڪٽنگ، مائننگ پرمٽ ۽ ٻين عملن کي شفاف بڻائڻ لاءِ ڊجيٽلائيزيشن ڏانهن وڌي رهيو آهي ته جيئن عوام کي معلوم ٿي سگهي ته ڪهڙن شهرن ۾ ڪهڙا معدني وسيلا آهن ۽ جيڪڏهن ڪوئي غيرقانوني مائننگ ڪري رهيو آهي ته ان جي خلاف کاتي کي شڪايت داخل ڪرائي سگهجي ٿي ۽ جنهن وٽ معدني وسيلن جي استعمال بابت ڪا تجويز هجي ته اداري کي ڏئي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته معدني وسيلا ڪڍڻ وارا ليڪيدار امير ٿي رهيا آهن ۽ مزدور وڌيڪ بدحالي جي طرف وڃي رهيا آهن. جنهن لاءِ ضروري آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ توازن قائم ڪيو وڃي، مزدورن جي ڀلائي، بهتري، صحت، تعليم جي لاءِ اتي ادا قائم ڪيا وڃن هن چيو ته معدنيات ۽ معدني وسيلن واري کاتي پاران معدنيات جي حوالي سان هڪ سيمينار منعقد ڪيو پيو وڃي. جنهن ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي ماهر، يونيورسٽين جي جيولوجسٽ کاتي جا ماهر، صنعتڪار، واپاري ۽ ٻيا شرڪت ڪندا. ان سيمينار ۾ سنڌ جي سمورن معدنيات جا نمونا ڏنا ويندا ۽ اسان ارادو ڪنداسين ته ڇا اسان پاڻ انهن معدنيات جي کوٽائي ڪري سگهون ٿا يا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي ڪرايون. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي هر ٻار کي ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعاليٰ اسان کي ڪيترين معدنيات سان نوازيو آهي. انهن معدنيات تي هر ڪنهن جو حق آهي ۽ هر ڪنهن کي ان مان فائدو وٺڻ گهرجي. هن وقت تائين، ڪاتي 798 کانن کوٽڻ جا پرمٽ جاري ڪيا آهن. جيڪو به غير قانوني مائننگ ڪندو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير چيو ته هڪ اندازي موجب ڪارونجهر ۾ 26 ارب ٽن معدني وسيلا موجود آهن. اسان ميڊيا ۽ ٻين ماهرن جي موجودگيءَ ۾ ڪارونجهر جو دورو ڪنداسين ۽ عوام آڏو حقيقتون آڻينداسين.

بقايا *** 18

ڪيو آهي ته اسان حويلي جي پير جا مريد آهيون. واضح رهي ته فاطمه ڦرڙو جي ماءُ جوابدار حنا شاهه جي پيءُ کي به ڪيس ۾ نامزد ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي.

بقايا *** 19

موجب مدد علي سنڌي کي سيني ۾ تڪليف آهي. سنڌس دل جي معائني سميت مختلف ٽيسٽون ڪيون پيون وڃن.

بقايا *** 20

جنرل حسن اڪبر، اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرلز، وڪيل برادري، آفيسرن سميت ملازم پڻ موجود هئا. جڏهن ته نگران قانون واري وزير عمر سومرو ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي آفيس جي ملازمن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا. تقريب جي پڄاڻي تي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ نگران قانون واري وزير عمر سومرو کي شيلڊ، سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي تحفي جي طور تي پيش ڪئي.

بقايا *** 21

علوي 90 ڏينهن ۾ چونڊ تاريخ ڏيڻ جو اختيار رکي ٿو صدر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر سان مشاورت کان پوءِ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪندو. ان کان پوءِ چونڊون ڪرائڻ حڪومت جو ڪم آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر آئيني طور تي صدر جي ڏنل تاريخ موجب چونڊون ڪرائڻ جو پابند آهي. اليڪشن ڪميشن وسيلا وڏائي تڪ بنديون 90 ڏينهن جي اندر ڪري وٺي. مصدق ملڪ چيو ته پي ٽي آءِ سڄي دنيا ۾ پاڪستان کي بدنام ڪري رهي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ هر پرڏيهي سفير جي سامهون پاڪستان جي خلاف ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مزو تڏهن اچي جڏهن پي ٽي آءِ وارا سامهون اچي ڳالهائين هن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت تي ڪوبه سياسي دٻاءُ نه آهي. اهي وڏو فيصلو ڪري سگهن ٿا. نگران حڪومت کي ايندڙ 15 ڏينهن ۾ گيس جون قيمتون هڪ جيتريون ڪرڻ گهرجن. اهڙي طرح گيس جي شعبي ۾ گردشي قرض جو بار ختم ڪري سگهجي ٿو

بقايا *** 22

گرانٽ وٺندڙ ادارا به 4 وڏين ڪمپنين مان هڪ کان گرانٽ جي آڊٽ ڪرائين واضح رهي ته سنڌ حڪومت کان ساليانو بنيادن تي گرانٽ وٺندڙ صحت جي ادارن ۾ 34 سرڪاري ۽ غير سرڪاري اسپتالون ۽ اين جي اوز شامل آهن نگران صوبائي اختيارين طرفان لاڳاپيل ادارن کي اهو به چيو ويو آهي ته گرانٽ وٺندڙ طبي ادارا سنڌ حڪومت جي مشهوري به ڪن. اهي پنهنجي اسٽيشنري تي سنڌ حڪومت جو لوگو ڇاپين ۽ هڪ سيڪڙو کان گهٽ رقم سنڌ حڪومت جي مشهوري تي به خرچ ڪن

بقايا *** 23

ٿي ٻين موضوعن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ کان علاوه انٽرميڊيئيٽ ليول جي ٻين مضمونن لاءِ نصاب جي تياري لاءِ لاڳاپيل موضوعن جي ماهرن کي ان ڏس ۾ اڳتي وڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن ايف بي ايريا ڪراچي ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ٽريننگ ونگ پاران منعقد ڪيل انڊڪشن ٽريننگ جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ پاران 100 نون ڀرتي ٿيل ليڪچرار جو انڊڪشن ٽريننگ پروگرام ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن سنڌ احمد بخش ناريجو، ڊائريڪٽر ڪاليجز ڪراچي، ڊپٽي سيڪريٽري اڪيڊمڪ اينڊ ٽريننگز راشد احمد ڪوسو ڪاليج استادن ۽ ليڪچرار پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي نگران صوبائي وزير رعنا حسين چيو ته سکيا جو عمل سڄي زندگي جاري رهندو آهي. اميد آهي ته ڪاليج جي ليڪچرارن ٽريننگ دوران جيڪو ڪجهه سکيو آهي ان مان شاگردن کي فائدو ٿيندو. نگران وزير رعنا حسين چيو ته استادن کي سکيا جو عمل جاري رکڻ ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي. استادن کي پنهنجون ذميوارين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته استادن کي روزاني جي بنياد تي ليسن پلان سان گڏ ڪلاسن ۾ وڃڻ گهرجي. انهن کي سکڻ جي نتيجن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. تعليم واري نگران صوبائي وزير چيو ته نصاب جي حوالي سان ڪيترن ئي مضمونن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ کان علاوه انٽرميڊيئيٽ ليول جي ٻين مضمونن لاءِ نصاب تيار ڪرڻ لاءِ تعليمي ماهرن کي اڳتي وڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي ڳالهائيندي سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ احمد بخش ناريجي چيو ته ڪاليجن جي بهتري لاءِ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم ڪري جاري آهي. هن چيو ته سنڌ جي ڪاليج کاتي ۾ ريسرچ اينڊ ٽريننگ جي شعبي کي وڌيڪ فعال بڻايو ويندو ته جيئن سکڻ واري عمل کي جاري رکي سگهجي. تقريب جي آخر صوبائي وزير تعليم رعنا حسين انڊڪشن ٽريننگ مڪمل ڪندڙ ليڪچرارن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا.

بقايا *** 24

ڪم ڪرڻو پوندو. ايسٽر پيريز پرڏيهي خابرو اداري سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان طئي ڪيو هو ته سمورا حڪومتي ادارا ناڻي واري وزارت جي ماتحت ڪم ڪندا. سڌارن وقت حڪومت اهو شرط مڃيو هو. هن چيو ته پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ لاءِ اڳ کان طئي سڌارن تي عمل ڪرڻو پوندو. ٻين گورننس ۽ نجي شعبي جي سڌارن تي به عمل ڪرڻ ضروري آهي. سنڌس موجب اهو چوڻ ڏکيو آهي ته 2024 تائين موجوده اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ تي عمل ٿيندو يا نه؟

بقايا *** 25

تي تمام گهڻو افسوس ٿيو آهي. ڪميونٽي سينٽر ٺاهڻ لاءِ قدم کڻنداسين. هن چيو ته پنجاب حڪومت جو ڪم تمام سٺو آهي.

بقايا *** 26

جي حوالي سان سفارشون طلب ڪري ورتيون آهن. رپورٽ موجب ان حوالي سان گذريل ڏينهن انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي وزارت ۾ ڊائريڪٽر جنرل اير او آءِ ٽي جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿيو. جنهن ۾ سيني موبائل فون ڪمپنين جي نمائندن کي آگاهه ڪيو ويو ته حڪومت آسان قسطن تي موبائل فونز ڏيڻ جي حوالي سان قانون سازي ڪرڻ چاهي ٿي. جنهن ڪانپوءِ پاڪستان ۾ سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ سمورا ماڻهو ڪمپنين کان موبائل فون قسطن ذريعي حاصل ڪري سگهندا. قسط ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ موبائل فون واهپيدار جو سڃاڻپ ڪارڊ يا وري موبائل فون جي آءِ ايم اي آءِ کي بلاڪ ڪيو ويندو ذريعن جو چوڻ آهي ته ان حوالي سان سفارشن کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ سيني ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو ويندو.

بقايا *** 27

احمد علي پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو ته خوش قسمتي سان پوليو هن وقت پاڪستان ۽ افغانستان تائين محدود هو. جڏهن ته پاڪستان ۾ اهو افغان سرحد کان ملڪ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. هن ٻڌايو ته ڪراچي جي 8 يونين ڪائونسلن ۾ پوليو جي خطرناڪ يوسيز آهن. جن ۾ اوير ضلعي ۾ گجرو گڏاپ 04، ملير ضلعي جي مظفر آباد ۽ مسلم آباد، ڪيماڙي ضلعي جي بلديا 02، اولهه ضلعي جي سائيٽ 09، يوسي 07 اورنگي ٽائون، منگهوپير يوسي 08 ۽ سونگل 05 شامل آهن جتي آڪٽوبر ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم شروع ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ افغان شهري وڏي انگ ۾ داخل ٿين ٿا ۽ واپس افغانستان به وڃن ٿا جتي هو پوليو جا ڦڙا نه پيارن ٿا. تنهن ڪري پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ انهن جي بارڊر تي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته سنڌ جي گورنر جي منظوري سان جلد هڪ اهڙو ايڪٽ متعارف ڪرايو پيو وڃي جنهن تحت ڪنهن به ماڻهو کي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پوليو جا ڦڙا پيارڻا هوندا ٻي صورت ۾ ڪين سنڌ ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو. هن چيو ته ايڪٽ تي عملدرآمد اسان کي قانوني حق فراهم ڪندو جيڪو صوبي مان پوليو جي خاتمي لاءِ تمام ضروري آهي. هن چيو ته هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪيس ڏک ٿيندو آهي جڏهن عالمي سطح تي پاڪستان ۾ پوليو جو ڪوئي ڪيس ظاهر ٿيندو آهي. ڊاڪٽر سعد خالد نياز صحت کاتي جي سيڪريٽري کي هدايتون ڏنيون ته اهي خاص طور تي سڃاڻپ ٿيل يوسيز جي ماڻهن جو باقاعده ڊيٽا گڏ ڪن. ان کان اڳ سينيئر پروگرام آفيسر (بي ايم جي ايف) ايرن ٻڌايو ته پاڪ افغان سرحد تي پوليو جا ڦڙا پيارايا پيا وڃن پر تنهن هوندي به ماڻهو ويڪسين نه پيا ڪرائين. تازو ئي اتر وزيرستان مان پوليو جا ٻه ڪيس سامهون آيا آهن. جيڪا سٺي نشاني نه آهي. اسان وڌ کان وڌ ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته پوليو وائرس کان متاثر ٿيل وڌيڪ ماڻهن جي نشاندهي ڪريون ۽ فرنٽ لائن ڪارڪنن جي به تربيت ڪري رهيا آهيون . هن چيو ته اسان وٽ ڪيترائي وسيلاءِ عملو آهي ۽ جلد مفاهمت جي ياداشت ذريعي اڳتي قدم کڻنداسين. ان دوران ٻنهي جي وچ ۾ مستقبل ۾ غذائيت، پرائمري هيلٿ ڪيئر ۽ ٻين پروگرامن تي تعاون وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو.

بقايا *** 28

. نوٽيفڪيشن موجب جمعي ڏينهن هڪ کان ڏيڍ وڳي تائين نماز جو وقفو هوندو. واضح رهي ته اڳوڻي ريلوي واري وفاقي وزير خواجا سعد رفيق ريلوي ملازمن جي ڇنڇر جي موڪل بند ڪئي هئي.

بقايا *** 29

نرس لاءِ لکت وارو امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن کان انٽرويو وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ 14 اميدوارن جي داخل درخواست تي ڪانئن انٽرويو وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سانگهڙ، بدين، شهيد بينظير آباد سميت مختلف ضلعن جي امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن درخواست داخل ڪرائي هئي. موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته 2019 دوران صحت کاتي ايس بي ايس ذريعي اسٽاف نرس لاءِ 1096 پوسٽن تي ڀرتين لاءِ اشتهار ڏنو هو. اميدوارن موجب ڀرتي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ فارم جمع ڪرائي لکت وارو امتحان ڏنو جنهن ۾ پاس ٿياسين. ايس بي ايس سي پنهنجا نوازي ۽ سياسي مداخلت سبب ميرٽ جي لتاڙ ڪندي اسان کان انٽرويو وٺڻ کان انڪار ڪيو. وڪيل موجب هزارين اسٽاف نرسز ڪورونا دوران 2 سال سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڪانٽريڪٽ تي خدمتون سرانجام ڏنيون

بقايا *** 30

اداري لاءِ ممڪن ناهي ته ايف بي آر جا سيني 25000 ملازمن جا اثاثا چيڪ ڪري سگهي. مقرري ۽ ترقي جي موقعي تي ملازمن لاءِ لازمي آهي ته اهي پنهنجا اثاثا ظاهر ڪن سينيٽر ڪامل علي آغا چيو ايف بي آر 25 هزار ملازمن جا اثاثا چيڪ نٿو ڪري سگهي ته 25 ڪروڙ ماڻهن جا اثاثا ڪيئن چيڪ ڪندو؟

بقايا *** 31

تي ٻڌل ۾ رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل سردار لطيف کوسا عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران لطيف کوسا چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڪنهن آفيسر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو مجاز قرار ڏئي سگهي ٿي، ان ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر کي ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو چيو هن چيو ته اليڪشن ڪميشن چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ 4 ميمبرن تي ٻڌل هوندي آهي. رڪارڊ ۾ اليڪشن ڪميشن جو ڪمپليمنٽ داخل ڪرڻ جو ڪو اجازت نامو ناهي. ان تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز چيو ته اليڪشن ڪميشن جو اجازت نامو رڪارڊ ۾ موجود آهي. جنهن تي لطيف کوسا چيو ته اها اجازت اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري طرفان ڏني وئي آهي. چيف جسٽس تحريڪ انصاف چيئرمين جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته توهان چئي رهيا آهيو اليڪشن ڪميشن جو ڪمپلينٽ داخل ڪرڻ جو اجازت نامو قانون موجب ناهي؟ جنهن تي لطيف کوسا چيو ته بلڪل، اهو اجازت نامو درست ناهي. لطيف کوسا چيو ته ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي آرڊر کي به نظرانداز ڪيو. ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف اسان جي اپيل منظور ڪئي ۽ هاءِ ڪورٽ درخواست ٻيهر فيصلو ڪرڻ لاءِ ٽرائل ڪورٽ کي موڪلي. لطيف کوسا اپيل ڪئي ته تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا معطل ڪئي وڃي. سزا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي اپيل تي دليلن لاءِ اسان ٻيهر عدالت سامهون ايندا سين. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل اپيل ۾ رياست کي ڌر نه بڻائڻ تي اعتراض اٿاريو جنهن تي چيف جسٽس چيو ته شڪايت ڪندڙ اليڪشن ڪميشن آهي ۽ درخواستگذار ان کي ڌر بڻايو آهي. رياست کي اپيل ۾ ڌر بڻائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته سزا ٻڌائڻ ڪانپوءِ جوابدار جو درجو ڏوهي ۾ تبديل ٿي ويو، سزا يافته هاڻ رياست جي قيد ۾ آهي. اهو نٿو چوان ته اپيل رد ڪئي وڃي. منهنجو موقف آهي ته گهٽ کان گهٽ اسٽيٽ کي نوٽيس ڪري ٻڌو وڃي. چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته رياست کي نوٽيس به ڪيون ته ڇا ٿيندو؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن وڪيل چيو ته اهو مينڊيٽ آف لا آهي ته اسٽيٽ کي به نوٽيس هجڻ گهرجي. جسٽس طارق جهانگيري چيو ته جن ڪيسن جو توهان حوالو ڏئي رهيا آهيو. ان ۾ ايف آءِ آر داخل ٿي هئي. هن ڪيس ۾ ڪا ايف آءِ آر ناهي. امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته قانون جون لاڳاپيل ٻئي شقون چون ٿيون ته رياست کي نوٽيس جاري ڪرڻ گهرجي. رياست وٽ فيصلي جي دفاع جو حق موجود آهي. رياست کي فيصلو ڪرڻو آهي ته اها فيصلي جو دفاع ڪري يا نه. چيف جسٽس عامر فاروق چيو توهان کي لڳي ٿو ته رياست اڃا چوندي سزا غلط ڏني وئي؟ اها مختصر سزا آهي ۽ بنا نوٽيس به معطل ٿي ويندي آهي. جنهن تي اليڪشن ڪميشن وڪيل چيو اهڙو ڪو فيصلو موجود ناهي ته بنا نوٽيس سزا معطل ٿي هجي. 3 سال قيد جي سزا کي گهٽ دورانيي جي سزا چٽي سزا معطلي جو چيو پيو وڃي، عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا معطلي بابت درخواست تي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 32

نتيجي ۾ بدنصيب وين ۾ سوار ڇهن مردن ، ٻن عورتن ، هڪ معصوم ٻارڙي سميت ست ماڻهو فوت ٿي ويا آهن. ذريعن موجب فوت ٿيندڙ ۾ نادر علي ولد ممتاز علي بروهي شهداد ڪوٽ غلام حسين ولد محمد يعقوب ميمڻ پٺاڻي ڪالوني ڪوٽڙي مختيار علي ولد سفدرعلي غلام الله محمد علي ولد ذوالفقار علي لودران ذوالنقار علي ولد علي اڪبر حيدرآباد حاجران ولد سلمان راهوجو حيدرآباد هڪ نامعلوم سوار فوت جڏهن ته زخمي ۾ نورجهان زال مختيار ديرا خازي خان راحيلا پٽو ولد ربنواز پٽو نٿو غلا مصطفا ولد محمد حسين جوڻيجو سجاول عزيزه ڌي محمد ابراهيم حيدرآباد صابر علي غلام مصطفا لودران پنجاب عبداستار ولد محمد موسا ڪوسو نوشهروفيروز شعبان علي ولد غلام علي دادو قربان علي ولد اقبال صادق آباد ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا *** 33

تي تمام گهڻو افسوس ٿيو آهي. ڪميونٽي سينٽر ٺاهڻ لاءِ قدم کڻنداسين. هن چيو ته پنجاب حڪومت جو ڪم تمام سٺو آهي.

بقايا سنڌيار 01

ايڊوڪيٽ ڪاوش لغاري ۽ ٻين اڳواڻن ناميارا قانوندان ايڊوڪيٽ جي آيم لغاري سان ملاقات ڪري فاران شگرمل جي مزدورن جي جدوجهد جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ان سلسلي ۾ ايڊووڪيٽ نجم الدين لغاري جو چوڻ هو تہ فاران شگر ملز انتظاميہ مزدورن جا ڪيترن سالن کان حق غضب ڪري رهي آهي انهن چيو تہ اسان ايڊووڪيٽ جي آيم لغاري ڀاران مزدورن جي ساٿ ڏيڻ واري معاملي تي ساڻس گڏ آهيون ٻي طرف ناميارا قانوندان ايڊووڪيٽ جي آيم لغاري چيو آهي تہ جيستائين مزدورن کي حق نہ ملندا تيستائين اسان جي جدوجهد جاري رهندي فاران شگر ملز انتظاميہ کي پنهنجو قبلو درست ڪرڻو پوندو چاڪاڻ تہ مزدور ننڌڪا ناهن اسان سڀ انهن سان گڏ آهيون

بقايا سنڌيار 02

ان وقت سيد ڪميل حيدر شاهہ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هو بنا ڪنهن فرق جي سکر ضلعي جي عوام جا مسئلا حل ڪرائيندو هن چيو تہ سيد ناصر شاهہ جي گهر جا دروازا عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ دروازا کوليل آهن

بقايا سنڌيار 03

ٿي پيا. فوتين ۾ شهداد ڪوٽ جو رهاڪو نادر علي بروهي _ ڪوٽڙي شهر جو رهواسي غلام حسين ميمڻ _ سونڊا ضلعي ٺٽي جو رهواسي مختيار علي _ پنجاب جي علائقي لوڌران جو رهواسي محمد عليڻ حيدرآباد جو رهواسي ذوالفقار علي راڄپر ۽ حاجران راهوجو جڏهن تہ هڪ نامعلوم شخص شامل آهن. جڏهن تہ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن ۾ ديرا غازي خان سان تعلق رکندڙ رهواسي نورجهان _ سجاول ضلعي جو رهواسي غلام محمد مصطفيٰ جوڻيجو _ صابر علي رهواسي لوڌران پنجاب _ عبدالستار ڪوسو رهواسي نوشهروفيروز _ شعبان علي رهواسي دادو _ قربان علي رهواسي صادق آباد پنجاب، سڪندر رهواسي خيرپور، ڪريم بخش خواجہ رهواسي ضلعو شامل آهن جن کي جهرڪ جي سرڪاري اسپتال ۾ ريسڪيو ڪيو ويو، جڏهن تہ ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ ناميارو سماجي ڪارڪن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ راحيلا پنهور پڻ شديد زخمي ٿي پئي، جنهن کي جهرڪ اسپتال مان 1122 ايمبولينس ذريعي وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي راحيلا پنهوجي منهن ۽ مٿي تي شديد زخم رهيا آهن راحيلا پنهور ٺٽي جي نامياري سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور پنهور جي ڀيڻ آهي، جڏهن تہ وڌيڪ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڪين انتهائي گهٽتي جوڳي ۾ جهرڪ جي سرڪاري اسپتال نيو وي جتان شديد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد جي اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيو ويو. واقعي واري هنڌ جئي سنڌ محاذ ضلعي جي صدر امجد شورو ۽ سنڌس تيم پهچي زخمين کي ايڌي ايمبولينس سروس سميت 1122 ايمبولينس سروس ذريعي ريسڪيو ڪيو.

بقايا سنڌيار 04

وينڌي مين روڊ ڪراس ڪرڻ دوران تيز رفتار موٽر سائيڪل جو شاگرديائين سان ٽڪر ٿي پيو نتيجي ۾ ڀهرين ڪلاس ۾ پڙهندڙ معصوم شاگرديائي 4 ورهين جي صدف ولد عبدالعزيز قريشي فوت ٿي وئي ۽ سنڌس وڏي ڀيڻ 6 ورهين جي پره قريشي ۽ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فياض ٻير سخت زخمي ٿي پيو جن کي گهٽتي جوڳي حالت ۾ وارثن ۽ رستي ويندڙن واقعي واري هنڌ کان ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽر شاگرديائي صدف قريشي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. جڏهن تہ بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس پهچي واقعي جا تفصيل ورتا ۽ موٽر سائيڪل پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي. اسپتال ۾ ٻارڙي جي فوت ٿيڻ بعد سنڌس وارث هنجون هاريندا رهيا ۽ ماحول سوڳوار ٿي ويو. جڏهن تہ ضروري ڪاروائي بعد ٻارڙي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا سنڌيار 05

پهتي ڦورن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب هڪ ڦورو کي ڳوٺاڻن ۽ پوليس پڪڙي ورتو جڏهن تہ ڦورو جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.پوليس گرفتار ڦورو کي اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڪائنسس سائين بابت پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 06

ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن چيو تہ شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ معصوم نياڻي فاطمہ جي قاتلن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل. هنن چيو تہ سنڌ صوفين جي سرزمين آهي جتي پوليس جي لاپرواهي سبب اهڙا ڏوهہ وڌي رهيا آهن. پوليس هٽ ڌرمي سنڌ جو امن خراب ڪري پئي. هنن چيو تہ بن واقعن ۾ ملوث جوابدارن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي گرفتار نہ ڪيو ويو تہ سڄا ڀاڳ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو اڳوڻ

بقايا سنڌيار 07

آف ڊيمانڊ پڻ پيش ڪيو ويو ۽ مختلف سياسي پارٽين جي عورتن کي گذارش ڪئي وئي تہ هوان کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ پنهنجي پارٽين ذريعي ان کي مڪمل ڪن. چارٽر آف ڊيمانڊ جا مڪمل تفصيل پيش ڪيا ويا تہ سمورين سياسي پارٽين جي پارٽي منشور ۾ نوجوانن ۽ عورتن جي اجلاس ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو تہ سمورين سياسي پارٽيون پاڪستان پوليٽيڪل ايڪٽ 1952ع ۾ ترميم ڪري عورتن نوجوانن ۽ اقليتي عورتن کي انهن جي نمائندگي ۽ آبادي موجب پاڪستان ۾ شامل ڪن ۽ پارليامينٽ ۾ نوجوانن کي مناسب نمائندگي ڏني وڃي. سياسي پارٽين کي گهرجي تہ پارٽي جي ميمبرن خاص ڪري نوجوانن کي پارٽي منشور بابت آگاهي ڏين. ووٽرن جي رجسٽريشن جي طريقيڪار کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪيو وڃي. پارٽين جي اي سي کي صحيح طريقي سان شيئر ڪيو وڃي. سياسي پارٽين ۾ عورتن جو مناسب ونگ قائم ڪيو وڃي. جتي نوجوان ڇوڪرين کي سکڻ جو موقعو ملي سگهي مستقبل جي لاءِ تياريون ڪيون وڃن. مزدورن ۽ اقليتن جي مخصوص سيٽن تي عورتن جي شموليت کي يقيني بڻايو وڃي. شاگرد يونين جي بحالي کي يقيني بڻايو وڃي. سياسي پارٽين ۾ عورتن لاءِ سيٽن جي رزرويشن لاءِ ڪوٽا جو صحيح تعين ڪيو وڃي. ضلعي سطح تي سالياني راندين منعقد ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 08

۽ عورتن تي تشدد جا واقعا وڌي رهيا آهن. هنن چيو تہ لاهور ۾ جج جي گهر ۾ ٻارڙي جو موت، ڪراچي ۾ گلشن حديد ۽ هاڻي راڻيپور ۾ ٻارڙي کي تشدد جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو آهي. جيڪا افسوسناڪ ڳالهہ آهي.ٻارڙي فاطمہ جي ڪيس ۾ چائلڊ ليبر جا قلم شامل ڪيا وڃن ۽ ملڪ ۾ ٻارن کي گهرن ۾ ڪم جي سلسلي ۾ قانون ناهي چائلڊ پروٽڪشن يونٽن کي فعال ڪيو وڃي. گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو گهرن ۾ هجڻ جي ڪري ڪرانگ اکرڻ تو ملي نہ ٿي وري انهن تي ظلم ڪرڻ جي خبر پوي ٿي.صوبائي ۽ وفاقي حڪومت هن متعلق ڪا قانون سازي ڪري آئين جي 11 آرٽيڪل کي عملي شڪل ڏئي چائلڊ ليبر ۽ ٻارن جي گهريلو ڪم غلامي ڪرڻ کي غير قانوني ڪرار ڏئي غريب ٻارن کي بهتر مستقبل ڏئي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ڪيس وڌي ويا آهن سموري يوسي اندر مليريا اسپري ڪرايو ويندو ڪليم الله خبرموجب ٽنڊو محمد خان يوسي ڏگهہ موري جي چيئرمن مختيار احمد نظاماڻي وائيس چيئرمين ڪليم الله نظاماڻي جي ڪوشش سان يوسي ڏگهہ موري جي مختلف ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي يوسي ڏگهہ موري جي چيئرمن مختيار احمد نظاماڻي وائيس چيئرمن ڪليم الله نظاماڻي چيو تہ مليريا جي خاتمي لاءِ امڇر مار اسپري ڪرايو پيو وڃي تمام گهڻا مليريا جا ڪيس سامهون اچي رهيا آهن مليريا کان بچاءَ لاءِ اسپري جو سلسلو جاري آهي جڏهن تہ يوسي ڏگهہ موري جي مختلف ڳوٺن ڊاڪٽر گل محمد ٽالپر مجيد جمالي جعفر علي خان نظاماڻي شڪيل ٽنگڙي عبدالحڪيم نظاماڻي لڪي نظاماڻي غلام علي نظاماڻي حاجي اسماعيل نظاماڻي ڏگهہ موري ستي پيرو وسڻ تراب علي خان نظاماڻي ڳوٺ علي محمد هاليپوٽو سومرو مير جت مير واجد ٽالپر ساجن نظاماڻي حاجي امين نظاماڻي مير محمد ٽنگڙي حاجي ماڇي حاجي شفيع محمد نظاماڻي هرلو ڳوٺ سميت يوسي جي ننڍن وڏن ڳوٺن ۽ شهر ۾ پڻ اسپري ڪرايو ويو جڏهن تہ چيئرمن مختيار احمد نظاماڻي وائيس چيئرمن ڪليم الله نظاماڻي سميت علي اڪبر نظاماڻي محمد سليم نظاماڻي ۽ ٻين ڳڏجي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي مڇر مار اسپري جي ٽيم سان ڳڏجي اسپري ڪرايو جڏهن تہ مختلف ڳوٺن جي معززين رهائيشين سنڌن اهڙي بهترين عمل ساراهيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 10

حاجاڻو جي عيوضي ۾ گرفتار ڪيل سنڌس گهرواري چار ٻارن جي ماءُ گورهاري حُسنا حاجاڻو 3 هفتن کان نوابشاهہ پوليس وٽ قيد هجڻ خلاف وارثن دودو حاجاڻو غلام رسول حاجاڻو محمد صالح حاجاڻو ۽ مختلف سياسي پارٽين ڀاران 12 هين ڏينهن ب علامتي بُک هڙتال جاري رکي جتي مانجهند ٽائون جي چونڊيل چيئرمين حافظ امتياز حُسين ميمڻ پهچي عورت جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي هر ممڪن ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو هوڏانهن وارثن ۽ مختلف سياسي پارٽين ڀاران اعلانيل مانجهند انڊس هاءِ وي تي ڌرڻي جو تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن اڄ عورت جي آزادي لاءِ مانجهند انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ۾ جسقم سينئر اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ايس يو پي حيدرآباد ڊويزن جو صدر خدابخش ٿيبو ايس يو پي ليڊيز ونگ جي اڳواڻ ياسمين ٿيبو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيندا ٻئي طرف ڪنيي گر ڪيل عورت جي ماءُ راڻي حاجاڻوجي پٽيشن تي ايڊيشنل سيشن جج ڄامشورو سي آءِ اي انسپيڪٽر نواب شاهہ مسعود مگنهار ۽ صحت ڪاتي جي ڪاموري بهادر ڪيڙو مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ۾ مانجهند پوليس ڪيس داخل نہ ڪري سگهي هئي

بقايا سنڌيار 11

يونين جي صدر رياض احمد ڪوسو ٻاران ڪنڊڪوٽ ۾ ميڊياسان ڳالهائيندي چيو تہ گذريل پندرهن سالن کان وٺي ايريگيشن کاتي جي ڪنهن بہ سب ڊويزن آفيس ۾ ڪلارڪن ۽ مقرر اسٽاف حوالي ڪونہ ڪيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ ايريگيشن جي قانون مطابق هر سب ڊويزن جو رڪارڊ سب ڊويزن جي آفيس ۽ اتان جي آفيس ملازمن حوالي هوندو ۽ ان رڪارڊ جي زميداري بہ پڻ انهن سب ڊويزن آفيس اسٽاف جي آهي پر ان باوجود بہ گذريل پندرهن سالن کان ڪنهن بہ سب ڊويزن آفيس ۾ موجود نہ آهي ۽ ڪيترائي پيرا انجنيئرن اي سين ۽ چيف انجنيئر کي شڪائت ڪئي سون پر ڪو بہ توجهہ نہ ڏيڻ مان صاف ظاهر آهي تہ رڪارڊ اندر وڏي پيماني تي هيرا ڦيري ۽ ڪرپشن ٿيل آهي، هنن وڌيڪ چيو تہ گذريل پندرهن سالن کان رڪارڊ سب ڊويزن حوالي نہ ڪرڻ مان اهو بہ خد شو سامهون اچي پيو تہ اسان آفيس ملازمن جون ڪوڙيون صحيون بہ ڪيون ويون هونديون ۽ هنن چيف انجنيئر ۽ ايريگيشن کاتي جي اعليٰ آفيسرن کان مطالبو ڪيو تہ فورن هر سب ڊويزن جو رڪارڊ سب ڊويزن اسٽاف حوالي ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 12

ميمڻ ڊي ايس پي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ شهدادڪوٽ پوليس ڪاروائي ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن کان ڦر ۽ چوري ٿيل 7 موٽرسائيڪلون ۽ ٻہ موبائيل فون سيٽ هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ٻڌايو تہ پوليس ڪاروائي ڪري 2 ڌاريا جوابدارن عبدالستار مغيري ۽ نور نبي مغيري کان 2 پسٽل بہ هٿ ڪيا آهن ۽ هٿ آيل موٽرسائيڪلون ۽ موبائيل فون مالڪن حوالي ڪيون آهن. ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ پريس ڪانفرنس دوارن وڌيڪ چيو تہ پوليس ڏوهارين ۽ سماجي برائين خلاف ڪاروائين ۾ تيزي آندي آهي ۽ منشيات فروشن جو گهيرو پڻ تنگ ڪيو آهي جنهن جو رزلٽ جلد اوهان سامهون ايندو ان موقعي تي ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند، ايس ايچ او اي سيڪشن انور علي بروهي سميت سب ڊويزن جي پوليس ۽ مختلف ٿاڻن جا ايس ايچ اوز موجود هئا موٽرسائيڪلون ملڻ جي خوشي ۾ شهرين ڀاران پوليس آفيسرن کي گلن ۽ نوٽن جا هار پارايا

بقايا سنڌيار 13

احتجاج انصاف جون اپيلون. خبرموجب سرحد پرسان ڳوٺ درمحمد ڀهوڙ واسي محمد حسن ڀهوڙ سرحد پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ برادري جا راڻو ڀهوڙ ۽ صاحب ڀهوڙ زمين جي معاملي تان موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو تہ راڻو ڀهوڙ سان هڪ جريب چار ويسا زمين خريد ڪئي هئي جنهن صاحب ڀهوڙ پڻ ضامن هو مگر هاڻي زمين جو ڪاتو نٿو ڏنو وڃي راڻو ۽ صاحب ڀهوڙ ٻئي زمين جو ڪاتو گهرڻ تان قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن اعليٰ اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺي زمين جو ڪاتو ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 14

تي ٽوٽاري سي اين جي وٽ پيش آيو جتي فجر جي اذان وقت صبح جو پنجين وڳي تيز رفتار ٽرالر نامعلوم اڌڙوت شخص کي ٽڪر هڻي شديد زخمي ڪري ڇڏيو ڀڄي ويو واقعي جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم اقبال رند جي اڳواڻي ۾ حادثي واري هنڌ تي پهچي زخمين کي تعلقہ اسپتال سکرنڊ پهچايو جتي ڪين ڊاڪٽرن ڀاران ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال نوابشاهہ ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 15

اين سي رتوديرو ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي، ياد رهي تہ هن طرح رتوديرو ۾ چوري جون وارداتون اڳ بہ پيش ايون جنهن ۾ شهر جي ڪيترن ئي دڪان تان روشن ڏينهن مان چور داخل ٿي چوريون ڪري ويا هيا جن مان ڪجهہ چور پوليس گرفتار بہ ڪيا هئا. انهي حوالي سان دڪاندار اڳواڻن جو چوڻ هو تہ پوليس جلد کان جلد چوري ريڪور ڪرائي ڏي ٻي صورت ۾ بدامني خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 16

تي سخت ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڏانهيندي ايريگيشن عملي جي شڪايت ڪئي ۽ چيو تہ هي جيڪو بہ واقعيو ويش آيو آهي ان ۾ آفيسرن ايس ڊي او آنجنئر ۽ چيف انجنئر جي غفلت جي ڪري پيش آيو آهي جنهن جي هيٽري بہ مزاحمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن وڌيڪ چيو تہ انجنئر احمد نوتز چنڊيو جيڪو ڪيرٿر ڪئنال تي مقرر آهي اهو هن مهل تائين بہ اسان وٽ لڙي ڪونہ آيو آهي رڳو فون تي ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيو آهي اسان اهو مطالبو ڪريو ٿا تہ ملوث عملي خلاف ايف آءِ آر جو حڪم جاري ڪري گرفتار ڪيو وڃين چو تہ ملوث عملو واهہ جي ڪپرن تان مٽي وڪرو ڪرڻ بعد ڪيرٿر ڪئنال جا ڪپ ڪمزور جري ڇڏيا جنهن سبب ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ پرسان 10 فوٽ ڳهارو پوڻ سبب ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ، مٺن شر، رمضان بروهي، تندو بهار، پنيرا ڳوٺ، بنگل جتوئي ۽ ٻين ڪيترائي ڳوٺن پاڻي ۾ ٻڏڻ کان علاوہ ڪروڙن روپين جا مچي جا فارم پڻ پاڻي ۾ ٻڏي ويا ڳهارو لڳڻ ڪري جاني ۽ مالي نقصان انتظاميہ اڳهور ننڊ ستل. پاڻي ۾ ٻڏل ماڻهن جون ڏانهون ڪو بہ تدارڪ نہ ٿي سگهيو جنهن جي ڪري ڳوٺاڻن ايريگيشن عملي خلاف سخت احتجاج ڪندي ڳهارو بند ڪرڻ جي مطالبي سان گڏ ٿيل نقصان جي آزالي جو پڻ مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 17

ڏينهن تائين ضلعي جي سمورن ٻن سالن جي ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويندا جنهن لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن هن چيو تہ حفاظتي ٽڪن لاءِ 56 ٽيمون ۽ 44 اي پي آئي سينٽرن ۾ حفاظتي ٽڪا لڳا ويندا ڊي سي ڄامشورو لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ضلعي جي سمورن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪن جي عمل کي باقاعدگي سان يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن بہ قسم جي غفلت کي هرگز برداشت نہ ڪيو ويندو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ارشاد ڪمالاڻي، ڊي ايچ او ڄامشورو ڊاڪٽر امام دين ڪوسو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي سميع الله سنجراڻي، اين اسٽاف آفيسر ڊاڪٽر صنم، اسسٽنٽ مختيارڪار فيروز مصطفيٰ برفت، ڊاڪٽر پير منظور، بي بي ايچ آئي نيوٽريشن ڪوآرڊينيٽر ذاڪر حسين سمون سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي، جڏهن تہ اين اسٽاف آفيسر ڊاڪٽر صنم ٻڌايو تہ تعلقي ڪوٽڙي جي گذريل پوليو مهم دوران 10 يوسين ۾ هڪ لک ست سو پنجاهہ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻيا ويا جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو عبدالواجد شيخ پوليو مهم ۾ بهترين ڪارڪردگي ڪندڙ عملي کي ساراهيو ويو

بقايا سنڌيار 18

شاگردن ٻاران اسٽوڊنٽس افيئرز سنڌ يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر يونس لغاري ٻاران شاگردن سان بدتميزي ۽ هراسمينٽ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ يونس لغاري ڳالهين لاءِ ٻهتو ۽ ڳالهين بدران شاگردن تي ڪوڙا الزام هڻي قانوني ڪاروائي جون ڌمڪيون ڏيندو هليو ويو جنهن تہ سياف اڳواڻن جتاءُ ڏنو تہ جيستائين يونس لغاري ٻاران شاگردن کان زبردستي ڦر ڪيل ATM ڪارڊ، شناختي ڪارڊ، ۽ ٻيو سامان واپس ڪري معافي نہ وٺندو تيستائين خاموش نہ ويهنداسين گڏوگڏ سياف ضلع ڄامشوري ٻاران سياڻي 9 وڳي ماروي هاسٽل جي سامهون مين گيٽ تي پڻ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 19

سان ڏک ونڊيو ۽ ڪين پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو جنهن تي نياڻيءَ جي وارثن مان عرفان ڦرڙو ڳالهائيندي چيو تہ اسان شڪر گذار آهيون اوهان سميت پوري سنڌ جا اسان جي مالڪي ڪئي آهي ڪراچي کان ڪشمور تائين ، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين هر شهر جي ماڻهن اسان سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي جنهن سان اسان کي ٻڪ آهي تہ شهيد نياڻي فاطمہ جون ريتيڳن نہ ويندو هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ غريب ضرور آهيون پر با ضمير آهيون شهيد فاطمہ جي خون تي ڪا بہ سودي بازي نہ ٿيندي ڪيئن پلي لالچون ڏين يا دڙڪا دهمان ڏين پر اسان ڦرڙا برادري جي تاريخ رهي آهي تہ ضمير وڪرو نہ ڪندا آهيون نڪو وري ڪنهن ڏاڍ اڏو جهڪندا آهيون ان ڪري جيڪڏهن ڪو سوچي ٿو تہ رقم جي لالچ يا رياست ۽ وڏيرن ميرن پيرن ۽ سردارن معرفت ڪين هيسائيندا تہ اها سنڌن ڀُل آهي اسان جي سنڌ واسين جي سهڪار سان شهيد فاطمہ جي خون سان انصاف ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رهندي وفد ۾ عبدالواحد پاهي ، علي اڪبر خانزادہ ۽ حسين پاهي پڻ شامل هئا

بقايا سنڌيار 20

لاکو جي نياڻي مائره کي وحشي درندن اغوا ڪري زيادتي جي ڪوشش ڪئي پر مائٽن رڙين تي ڪيس بچائي ورتو اهڙو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ متاثر ڇوڪري مائره ۽ سنڌس امڙ بينظير لاکو سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ان موقعي تي مائره جو والد لطف الله لاکو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا سماجي سياسي اڳواڻ شاعستا بلوچ وڌيڪ چيو تہ 12 ڏينهن اڳ مائره ٻاڙي ۾ ڪپڙا ڏين لاءِ وڃي رهي هئي تہ رستي ۾ جوابدارن سونو عرف سعيد احمد لاکو لاکو سلمان لاکو شڪيل لاکو کي مائره کي اغوا ڪري اڻڄاتل هنڌ وٺي ويا ۽ زبردستي زيادتي جي ڪوشش ڪئي تہ ان دوران ڇوڪري جي رڙين تي سنڌس مائٽ پهچي ويا جڏهن تہ جوابدارن گرفتاري ڪاڻپوءِ جوابدارن جا وارث متاثر خاندان کي مختلف طريقن سان تنگ ڪري رهيا آهن ۽ ڪيس تان هٽ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جيسي تائين نياڻين جي عزتن سان ڪيڏندڙ وحشي درندن کي عدالتون سزا نہ ڏينديون ان وقت تائين نياڻين جون عزتون محفوظ نہ رهنديون متاثر خاندان کي انصاف ڏيارڻ تائين گڏ آهيان ڌمڪائيندڙن خلاف بہ قانوني ڪاروائي ڪرائي ويندي ان موقعي تي متاثر نياڻي ٻڌايو تہ مهنجي والد کي ڌمڪايو پيو وڃي جڏهن تہ جوابدارن جا مائٽ ڇوڪرا پڻ اسان جي گهر ڀاهران ٻيهي حراسان ڪري رهيا آهن گزريل ڏينهن سکرپريس ڪلب ڀاهران احتجاج ڪرڻ بارجود ڪنهن اختيارن نوٽيس ناهي ورتو، هنن لاڳاپيل اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 21

اين سي داخل ڪرائي وئي، متاثر پرائمري استاد صفدر علي ابڙو مطابق هو حضرت شاهہ لاڙي وٽ موٽرسائيڪل تي سوار 3 هٿياربندن روڪي موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪئي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻي کان مطالبو ڪيو تہ بدامني جو نوٽيس وٺي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم ريڪور ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 22

تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو، سمع الله شيخ، بلال ابڙو، سرفراز پنهور، اسدالله سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي شڪارپور پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ واپاري اڳواڻن جو چوڻ هو تہ شڪارپور جا واپاري دڪاندار ۽ شهري ڌوهارين حوالي ڪيا ويا آهن، پوليس غائب آهي، ڌوهاري سرعام وچ شهر مان ڌاڙا هڻي وڃن ٿا ۽ پوليس ٿاڻن تائين محدود آهي. شڪارپور شهر کي شڪارگاهہ بڻايو ويو آهي ڪٿي بہ قانون جا رکوالا نظر نہ ٿا اچن. ڦر ڌاڙن ۽ بدامني سبب شهر جون بازارون خريدار ۽ دڪاندار محفوظ ناهن پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان گهر ڪئي تہ شڪارپور ۾ ڪيل وارداتن جا جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ۽ امن ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ تمام دڪاندار دڪانن جون چابيون ايس ايس پي آفيس ۾ احتجاجي طور جمع ڪرائيندا. ياد رهي تہ هڪ هفتي اندر شڪارپور جي دڪاندارن کان لکين رپين جو سامان ۽ روڪ رقم ڦرڻي چڪي آهي.

بقايا سنڌيار 23

ٻارڙن تي جنسي تشدد وارن واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتي جوڳو اضافو ٿيندو پيو وڃي، روزانو 12 ٻارڙن وحشي درندن هٿان جنسي تشدد جو شڪار ٿين ٿا. پاڪستان ۾ 2227 ٻارن سان جنسي زيادتي جا واقعا پيش آيا، جن ۾ 1020 ڇوڪرا ۽ 1207 ڇوڪرين کي جنسي حوس ۽ زيادتي جو شڪار بڻايو ويو. ڇوڪرين جا ريورٽيڊ ڪيس ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. جنسي زيادتي جي هٺن ڪيسن ۾ 984 ٻارن کي اغوا ڪيو ويو، 215 ڇوڪرين ۽ 294 ڇوڪرن کي جنسي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو. 35 ڇوڪرين ۽ 75 ڇوڪرن کي اجتمائي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو 11 ڇوڪرين ۽ 16 ڇوڪرن کي ڏاڍائي بعد قتل ڪيو ويو 23 ڇوڪرين ۽ 4 ڇوڪرن کي اغوا بعد جنسي ڏاڍائي ڪئي وئي. 13 ڇوڪرين ۽ 2 ڇوڪرن کي اغوا بعد اجتمائي ڏاڍائي جو نيشانو بنايو ويو. 164 ڇوڪرين ۽ 6 ڇوڪرن کي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي وئي. برڪت علي انصاري جو چوڻ آهي تہ هي آهي ريورٽيڊ ڪيس آهن جيڪي قومي توڙي صوبائي اخبارن ۾ ريورٽ ٿيا آهن. جڏهن تہ ٻارڙن تي جنسي تشدد جا ڪافي اهڙا ڪيس بہ ٿيڻ جو خدشو آهي جيڪي ريورٽ ئي ناهن ٿي سگهيا. راڻيپور جي حويلي ۾ معصوم فاطمہ جي قتل واري معامري متعلق پڇيل سوال جي جواب ۾ سنڌس چوڻ هو تہ فاطمہ ڦرڙو وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي، نينگري جي وارثن سان ملاقات ڪري انهن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. جڏهن تہ ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي، ايس ايس پي خيرپور مير روحيل خان ڪوسو، لاڳاپيل حد جي ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او سان بہ مختلف وقتن تي ملاقات ڪري معصوم فاطمہ جي خون سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو رکيو ويو. برڪت علي انصاري مطابق ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي خاطري ڪرائي تہ حويلي ۾ شامل سمورن مردن جي ڊي اين اي ڪرائي پئي وڃي، فاطمہ واري ڪيس ۾ ڪنهن سان بہ ڪا رعايت نہ ڪئي ويندي. قاتل ڪيترا بہ بااثر چونڪ هجن انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو. انگن اکرن مطابق ٻارن 2227 سان جنسي زيادتي ڪندڙ فردن جو تعلق مختلف پيشن ۽ شعبن سان آهي. جن مان 912 جوبدار آهي هيا جن کي ٻار ڀهريان سڃاڻيدا هيا، ريورٽيڊ ڪيسن ۾ ٻارڙن کي جنسي زيادتيءَ جو نشانو بڻائيندڙ 498 غير واقف ڪار، پاڙيسري 51، مائٽ 28 ، استاد 17، پوليس 3، مولوي 15 ۽ ٻيا شامل آهن. جنسي زيادتي جا واقعا جن جڳهن، جاين ۾ ٿيا، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيسن جي جاين جي جڳہ واضح نہ هئي جن جو تعداد 726 آهي. ٻئي نمبر تي گهٽي ۾ 682 ملزم جي جڳهہ 348 ڪيس، متاثر ٻار جي ڀهنجي گهر ۾ سنڌن والدين جي غير موجودگي ۾ 253 ڪيس ٿيا. ان ڪانسوا، 81 زمين تي، 81 اسڪول ۽ ڪاليج، حويلين 6.17 ڪر ڪرڻ واري جڳهہ، 12 جنگ ۾ ڪيس ٿيا. جن ٻارن کي جنسي تشدد جو نيشانو بنايو ويو انهن ۾ 1 کان 5 سالن جي ڄمار جا 123 ٻار، 6 کان 10 سالن جي ڄمار جا 376، 11 کان 15 سالن جي ڄمار جا 16.674 کان 18 سالن جا 287 ٻار شامل آهن ۽ ٻين جن ٻارن جون عمريون ريورٽ نہ آهن انهن جو تعداد 767 آهي. پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۽ سنڌ ۾ ٿيا. پنجاب ۾ 1648 ۽ سنڌ ۾ 314 ڪيس ريورٽ ٿيا، اسلام آباد 161، خيبر پختونخواهہ 74 ، بلوچستان 24، آزاد جمو ڪشمير 4 زيادتي جا ڪيس ريورٽ ٿيا. پاڪستان ۾ شهرن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس شهرن ۾ 55٪ ۽ ڳوٺن ۾ 45٪ ريورٽ ٿيا، اخبارن مطابق 2227 واقعن ما ن 1969 ڪيس پوليس وٽ رجسٽرٿيا، 233 ڪيسن جي جاڻ نہ ملي سگهي ۽ 8 ڪيس رجسٽر نہ ٿي سگهيا.

بقايا سنڌيار 24

اهڙا خاندان آهن جيڪي غريب طبقي سان تعلق رکندا آهن جن جي خواهش هوندي آ تہ اسان جي اولاد ڪنهن سٺي يونيورسٽيز ۾ پڙهي پوي. پر انهن جا خرچ پري نٿا سگهن. اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ ڏهرڪي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي سڏ تي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ميرپورماٿيلو کان ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو تائين سوين شاگردن ٻاران احتجاجي مارچ ڪيو ويو گهوٽڪي ضلعي کي يونيورسٽيءَ قيام جا نعرا پڻ هنيا ويا، هوڏانهن احتجاجي مارچ جي اڳواڻي شعيب شر، امتياز نائچ، اياز ڪهاوڙ، جنيد جلباڻي، صمد سومرو، وقار بوزدار، شير محمد، عمران پتو ۽ ٻين پڻ ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جو ضلعو گهوٽڪي واحد ضلعو آهي جيڪو ڪراچي کان پو ٽيڪس ادا ڪندڙ ضلعو آهي. پر افسوس سان اسان جي ضلعي اندر ڪا بہ يونيورسٽيز ناهي، هتان جا ڪافي اهڙا خاندان آهن جيڪي غريب طبقي سان تعلق رکندا آهن. جن جي خواهش هوندي آ تہ اسان جي اولاد ڪنهن سٺي يونيورسٽيز ۾ پڙهي پوي. پر انهن جا خرچ پري نٿا سگهن. ان ڪري هتان جي ضلعي گهوٽڪي اندر يونيورسيٽز جو هجڻ تمام گهڻي ضرورت آهي. جئين اسين پنهنجي ضلعي اندر پڙهي ڪنهن سٺي مقام تي پهچي سگهون.

بقايا سنڌيار 25

آصف گوپانگ، برڪت جيهو ۽ ٻين چيو تہ ريلوي کاتي جا گينگ مين ۽ ٽي ايل اي ملازمن ڪافي سالن کان وٺي ڏينهن رات سردي توڙي گرمي ۾ ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن پران جي باوجود ريلوي کاتي جا بالا آفيسر ملازمن کي وقت سر پگهارون نہ ڏئي ڪين گهر پاتين سميت بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ گذريل مهيني جي بہ پگهار هن وقت نہ ملي سگهي آهي. جڏهن تہ رٽائرڊ ملازمن کي پينشن جي رقم نہ ملي سگهي آهي ۽ نہ وري ڪجهہ ملازمن کي پڪو ڪيو پيو وڃي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ، ريلوي کاتي جي نگران وفاقي وزير، جنرل مئنيجر پاڪستان ريلوي ۽ ڊويزنل سپرٽينڊنٽ پاڪستان ريلوي سکر کي اپيل ڪئي تہ ملازمن جي احتجاج جو نوٽيس وٺي وقت سر پگهارون ڏني ڪين بکون ڪاٽڻ کان بچائي رٽائرڊ ملازمن کي پينشن جي رقم جاري ڪري ڪچن ملازمن کي مستقل ڪري ڇانئيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 26

ناهي حقيقت هيءَ آهي تہ نياز حسين گاردن سٽي سڪرنڊ ۾ مون 2018 ۾ شبير احمد سولنگي کي 35 هزار فوٽ زمين ڏني هئي جنهن جي رقم هڪ لک ڏئي ٿي جي جنهن مان هن هڪ ڪروڙ هڪ لک رقم ادا ڪئي 15 لک رهيل آهن جڏهن تہ مون ڪيس رجسٽري ۽ داخلا 39 هزار فوٽ جي ڪري ڏني آهي شبير احمد سولنگي 35 هزار جي ادائگي ڪئي آهي جڏهن تہ 4 هزار فوٽ جي رقم اڃا رهيل آهي رقم گهرڻ تي هن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ جاٿايل اختلاف تي زرداري هائوس نوابشاهہ جي حبدار زرداري وٽ فيصلو بہ ٿي چڪو آهي جنهن جا ايڊوڪيٽ ڪريم بخش رند ، ايڊووڪيٽ الہ ڏنو رند ۽ ريجنل محتسب خان محمد زرداري شاهد آهن پر شبير احمد سولنگي فيصلي تي نہ بيٺو هو جئي اٿي ويو تہ فيصلو عدالت ڪندي هن اهو بہ چيو تہ هيٺئر بہ جيڪڏهن ڪو ڇگو مڙس فيصلو ڪندو تہ آئون فيصلو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان يا وري عدالت جي فتويٰ جو انتظار ڪري باقي هن پريس ڪانفرنس ڪري اسان تي الزام هڻي اسان جي عزت کي مجروح ڪيو آهي ان جو بہ ونهوار ملڻ گهرجي هڪ سوال جي جواب ۾ گلاب زرداري چيو تہ ريجنل محتسب شهيد بينظيرآباد خان محمد زرداري جو منهنجي اسڪيم سان ڪو تعلق ناهي نہ ڪوخان محمد زرداري منهنجي نالي تي شبيراحمد سولنگي کان پئسا گهريا آهن ان ڪري خان محمد زرداري تي لڳايل الزامن جي پڻ سختيءَ سان ترديد ڪيان ٿو

بقايا سنڌيار 27

ڪنهن ڪاموري نوٽيس نہ ورتو. ضلع انتظاميا جي نااهلي سبب خلق خدا سخت پريشان بڻيل علائقي واسي خليق زمان ٻير، ميان بخش ٻير ۽ ٻين ڏانهيندي چيو تہ روڊ هنڌان هنڌان ٽٽي ۽ روڊ ۾ وڏا ڪڏا پئجي ويا آهن جنهن سبب اچ وڃ ۾ سخت تڪليفن ۾ پيا گذاريو. شڪايتن ۽ احتجاج ڪرڻ بعد باوجود ضلع انتظاميا اڳهور ننڊ ستل آهي اسين نگران حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا تہ روڊ جي نئين سر تعمير ڪرائي علائقي واسين ۾ ڦهليل بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 28

سميت بيا فصل پڻ سڙي تباهہ ٿي وڃڻ جي ڪري بدين ضلعي جي آباد گارن کي اربين روپين جو نقصان پهچڻ سان گڏ بدين ضلعي ۾ وڏو معاشي بحران اچڻ جو انديشو وڌي ويو آهي چا ڪاڻ تہ بدين ضلعي جو ني سيڪڙو ماڻهن جو ذريعو معاش زراعت تي منحصر آهي ٻئي طرف زراعت ڪاتي ۽ ضلعي انتظاميا جي ذريعن کان ملندڙ ڄاڻ موجب تہ زراعت ڪاتي ۽ ضلعي انتظاميا وٽ ڀاڻ ذخيرو ڪندڙن جي مڪمل طور تي ڄاڻ هئڻ جي باوجود انهن ڊيلرن ۽ واپارين تي ڪاروائي يا انهن جي گودامن تي ڇاپا هڻڻ کان قاصر آهن چاڪاڻ تہ ڀاڻ جا ڊيلر ۽ واپاري سياسي طور ۽ انتظامي طور اثر رسوخ رکندڙ آهن بدين جي آبادگارن عزيز ڏيرو عبدالغفور چانڊيو حاجي علي اڪبر چانڊيو لالا نواز شيخ ۽ ضلع ڪائونسل بدين جي ميمبر ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ امير آزاد پنهور بشير نوڪاڻي سنڌ جي نگران وڏي وزير کي ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ڪئي آهي تہ هو بدين ضلع ۾ ڀاڻ جي هٿرادي جو ڪوٽ جو نوٽيس وٺن ۽ بدين ضلعي جي زرعي معيشت ۽ آباد گارن کي تباهي کان بچائڻ جا اپاءُ وٺن

بقايا سنڌيار 29

وڳي ڏاڙا سانگي ٿاڻي جي حد ڪوٽو ڳوٺ جو رهواسي ڊاڪٽر عبدالجبار چاچڙ ڪر سانگي پنوعاقل شهر اچي رهيو تہ گندوڪيري قاتڪ ڪان ڀهريان هنگورو لنڪ روڊ وٽ ٻيٺل نامعلوم هٿياربند ڪيس کي اغوا ڪري کڻي ويا مغوي جو موبائيل بند هجڻ ڪري وارثن ڳولهائي تہ اغوا واري جڳهہ تان ڪيس جو سامان مليو جنهن بعد چاچڙ برادري جا سوين ماڻهون ڪوٽو ڳوٺ قادر ڳوٺ هنگورو ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين سانگي ٿاڻي تي پهچي احتجاج ڪيو 6 ڪلاڪ تائين ڌرڻو هنيو ويو پر پوليس ظاهر نہ ٿي بعد ۾ ڳوٺاڻن پريس ڪلب آڏو چونگها چوڪ وٽ ڌرڻو هڻي ٽائرن کي باهيون ڏئي سنڌ پنجاب سميت شهر ۽ سي پيڪ ڏانهن ويندڙ رستا بند ڪري بدامني خلاف نعري بازي ڪئي ٽن ڪلاڪن بعد سردار غلام عباس (عرف) پپوخان چاچڙ ڌرڻي واري هنڌ پهچي هڪ ڪلاڪ تائين ڌرڻي وارن جي بہ آءِ تعلقي جي جنرل سيڪريٽري مولانا علي اڪبر ڪلهوڙو ۽ چاچڙ برادري جي ماڻهون سان هڪ ڪلاڪ تائين ڊي ايس پي پنوعاقل ايس ايچ او سٽي ايس ايچ او سانگي ايس ايچ او ۽ بائيجي سان ڳالهيون ڪيون تہ ٽن ڏينهن ۾ مغوي کي ٽن ڏينهن ۾ بازياب ڪرائڻ واري واعدي تي روڊ ڪوليو ويو

بقايا سنڌيار 30

جي رهواسي پرائمري استاد الله بخش ولد علي حسن چانڊيو کان حبيب بئنڪ لڳ يونيورسٽي سرياب روڊ وٽ اي ٽي ايم ڪارڊ ذريعي پئسا ڪڍي رهيو هو تہ ڦورو ٺڳ اي ٽي ايم بوٿ ۾ زوري زبردستي گهڙي ڪنهن بهاني سان استاد کان اي ٽي ايم ڪارڊ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڪٽي ويو جنهن تي استاد الله بخش چانڊيو جيئن ٿي حبيب بئنڪ يونيورسٽي سرياب روڊ مان پنهنجي رقم ڪڍڻ لڳو تہ ڪجهہ بہ هيو. جنهن تي لاڙڪاڻي شهر جي پرائمري استاد الله بخش چانڊيو احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ منهنجا پئسا 76390 رپيا ٺڳ ٺڳي ويو اهڙي ناجائزي تي مان بئنڪ انتظاميا کي آگاهہ ڪيو تہ سي سي ٽي وي ذريعي ٺڳ ڦورو جي شناخت ڪري انصاف ڏياريو وڃي. جنهن تي بئنڪ انتظاميا مون کي نہ ٿي سي سي ٽي وي ڪئميرا ذريعي ٺڳ جي شناخت ڪرائي پئسا ڪرايا نہ ٿي وري ڪو مثبت جواب ڏنو ويو انهيءَ مان مون کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ بئنڪ عملو بہ انهن ڦورو ڪڻ سان ملوث آهي. پرائمري استاد چيو تہ ڪوئيٽا جي بئنڪ ۾ اي ٽي ايم ڪارڊ بوٿ مان مون کي تہ ڦورو ٺڳي ويا ۽ بئنڪ عملي کو بہ تعاون نہ ڪيو پر ٻين ماڻهن کي تہ اهڙن ٺڳن ڦورن کان بچايو وڃي. هن مطالبو ڪيو تہ مون کي ڦر ڪيل رقم 76390 رپيا واپس ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 31

حسين عباسي صدر تعلقہ سيهوديرو، گلزار خان پٺاڻ نائب صدر سنڌ، امام الدين عباسي جوائنٽ سيڪريٽري تعلقہ سيهو ديرو، علاءُ الدين قريشي وائيس پريزيڊنٽ سکر سٽي، شهيد فاطمہ ڦرڙو جي تڏي تي پهچي سنڌس وارثن سان تعزيت ڪئي هوڏانهن آل پاڪستان لا ايسوسيئشن صوبائي ڪوآرڊينيٽر پريزيڊنٽ سنڌ ابو حريره خانزادہ، ڊويزن نواب شاهہ صدر شجاع الدين سهتو جنرل سيڪريٽري نواب شاهہ غلام عباس (ناد علي)، اويس علي رند وائيس پريزيڊنٽ نواب شاهہ، عبدالمنان ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري نواب شاهہ پڻ شهيد فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو تہ اسان شهيد فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان هر قانوني توڙي اخلاقي مدد ڪندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 32

موجب ايف سي پاڻ فيڪٽري ميرپورماٿيلو جي انتظاميا ٻاران نيشنل هائي وي سان پوڪيل وڻن جي وڍي شروع ڪري ڏني ڪيترائي وڏا وڏا قيمتي وڻ وڍائي ڇڏيا آهن وڻن جي ڪٽائي دوران ميرپورماٿيلو پوليس بہ موجود هئي، ٻي پاسي صحافين کي اينڊوڏسي پوليس ڪسڪي رئي ڪيترائي ڪٽيل وڻ واقعي واري هنڌ پيل آهن.

بقايا سنڌيار 33

تي پلاسٽڪ چنائي وڇائي تعليم پرائي رهيا آهن. جڏهن تہ اسڪول ۾ ڪا بہ سهولت نہ هئڻ ڪري ٻارڙا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻئي طرف سڄاول پرسان ڳوٺ ساتوڻ ڪندرا جي پرائمري اسڪول گذريل 8 سالن کان بند هئڻ ڪري ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم آهن ۽ ٻارڙن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي. ڳوٺاڻن لاڳاپيل اداري جي اعليٰ عملدارن کان اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائڻ سميت ٻين بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 34

تہ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي انتظاميہ هٿ سان مسئلا پيدا ڪرائي شاگردن کي ذهني حراسان ڪري رهي آهي. شاگردن کي پنهنجا جائز مطالبا ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ 11 شاگردن کي 3 مهينن لاءِ سسپينڊ ڪيو ويو آهي جيڪو شاگردن ۽ سنڌن جي ايندڙ مستقبل سان ظلم آهي. مٿان وري نئون نوٽيس جاري ڪري هاسٽل خالي ڪرائڻ لاءِ گذريل رات پوليس جا اڻالا گهرائي شاگردن کي حراسان ڪري مختلف ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. شاگرد اڳواڻن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي انتظاميہ کي جتاءُ ڏيندي چيو تہ ڪاليج ۾امن ۽ علم تدريس جو ماحول جوڙيو وڃي. شاگرد تمام گهڻي گهٽن ۾ رهن پيا انتظاميا وڌيڪ ماحول خراب نہ ڪري آئين نہ تہ ٿئي جو اوهان سنڌ کي بيو نمرتا ۽ نوشين جو لاش ڏيو هنن مطالبو ڪيو تہ سسپينڊ ليٽر واپس ورتو وڃي ۽ بيا هاسٽلن جا بنيادي مسئلاحل ڪيا وڃن نہ تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 35

ٿي پيا. فوتين ۾ شهداد ڪوٽ جو رهاڪو نادر علي بروهي _ ڪوٽڙي شهر جو رهواسي غلام حسين ميمڻ _ سونڊا ضلعي ٺٽي جو رهواسي مختيار علي _ پنجاب جي علائقي لوڌران جو رهواسي محمد عليڻ حيدرآباد جو رهواسي ذوالفقار علي راڄپر ۽ حاجران راهوجو جڏهن تہ هڪ نامعلوم شخص شامل آهن. جڏهن تہ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن ۾ ديرا غازي خان سان تعلق رکندڙ رهواسي نورجهان _ سجاول ضلعي جو رهواسي غلام محمد مصطفيٰ جوڻيجو _ صابر علي رهواسي لوڌران پنجاب _ عبدالستار ڪوسو رهواسي نوشهروفيروز _ شعبان علي رهواسي دادو _ قربان علي رهواسي صادق آباد پنجاب، سڪندر رهواسي خيرپور، ڪريم بخش خواجہ رهواسي ضلعو شامل آهن جن کي جهرڪ جي سرڪاري اسپتال ۾ ريسڪيو ڪيو ويو، جڏهن تہ ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ ناميارو سماجي ڪارڪن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ راحيلا پنهور پڻ شديد زخمي ٿي پئي، جنهن کي جهرڪ اسپتال مان 1122 ايمبولينس ذريعي وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي راحيلا پنهوجي منهن ۽ مٿي تي شديد زخم رهيا آهن راحيلا پنهور ٺٽي جي نامياري سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور پنهور جي ڀيڻ آهي، جڏهن تہ وڌيڪ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڪين انتهائي گهٽتي جوڳي ۾ جهرڪ جي سرڪاري اسپتال نيو وي جتان شديد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد جي اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيو ويو. واقعي واري هنڌ جئي سنڌ محاذ ضلعي جي صدر امجد شورو ۽ سنڌس تيم پهچي زخمين کي ايڌي ايمبولينس سروس سميت 1122 ايمبولينس سروس ذريعي ريسڪيو ڪيو.

ٿي پيا. فوتين ۾ شهداد ڪوٽ جو رهاڪو نادر علي بروهي _ ڪوٽڙي شهر جو رهواسي غلام حسين ميمڻ _ سونڊا ضلعي ٺٽي جو رهواسي مختيار علي _ پنجاب جي علائقي لوڌران جو رهواسي محمد عليڻ، حيدرآباد جو رهواسي ذوالفقار علي راڄپر ۽ حاجران راهوجو جڏهن تہ هڪ نامعلوم شخص شامل آهن. جڏهن تہ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن ۾ ديرا غازي خان سان تعلق رکندڙ رهواسي نورجهان _ سجاول ضلعي جو رهواسي غلام محمد مصطفيٰ جوڻيجو _ صابر علي رهواسي لوڌران پنجاب _ عبدالستار ڪوسو رهواسي نوشهروفيروز _ شعبان علي رهواسي دادو _ قربان علي رهواسي صادق آباد پنجاب، سڪندر رهواسي خيرپور، ڪريم بخش خواجہ رهواسي ضلعو شامل آهن. جن کي جهرڪ جي سرڪاري اسپتال ۾ ريسڪيو ڪيو ويو، جڏهن تہ ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ ناميارو سماجي ڪارڪن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ راحيلا پنهور پڻ شديد زخمي ٿي پئي، جنهن کي جهرڪ اسپتال مان 1122 ايمبولينس ذريعي وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي راحيلا پنهوجي منهن ۽ مٿي تي شديد زخم رهيا آهن راحيلا پنهور ٺٽي جي نامياري سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور پنهور جي ڀيڻ آهي، جڏهن تہ وڌيڪ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڪين انتهائي گهٽتي جوڳي ۾ جهرڪ جي سرڪاري اسپتال نيو وي جتان شديد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد جي اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيو ويو. واقعي واري هنڌ جئي سنڌ محاذ ضلعي جي صدر امجد شورو ۽ سنڌس تيم پهچي زخمين کي ايڌي ايمبولينس سروس سميت 1122 ايمبولينس سروس ذريعي ريسڪيو ڪيو ٿي پيا. فوتين ۾ شهداد ڪوٽ جو رهاڪو نادر علي بروهي _ ڪوٽڙي شهر جو رهواسي غلام حسين ميمڻ _ سونڊا ضلعي ٺٽي جو رهواسي مختيار علي _ پنجاب جي علائقي لوڌران جو رهواسي محمد عليڻ، حيدرآباد جو رهواسي ذوالفقار علي راڄپر ۽ حاجران راهوجو جڏهن تہ هڪ نامعلوم شخص شامل آهن. جڏهن تہ 15 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن ۾ ديرا غازي خان سان تعلق رکندڙ رهواسي نورجهان _ سجاول ضلعي جو رهواسي غلام محمد مصطفيٰ جوڻيجو _ صابر علي رهواسي لوڌران پنجاب _ عبدالستار ڪوسو رهواسي نوشهروفيروز _ شعبان علي رهواسي دادو _ قربان علي رهواسي صادق آباد پنجاب، سڪندر رهواسي خيرپور، ڪريم بخش خواجہ رهواسي ضلعو شامل آهن. جن کي جهرڪ جي سرڪاري اسپتال ۾ ريسڪيو ڪيو ويو جڏهن تہ ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ ناميارو سماجي ڪارڪن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ راحيلا پنهور پڻ شديد زخمي ٿي پئي، جنهن کي جهرڪ اسپتال مان 1122 ايمبولينس ذريعي وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي راحيلا پنهوجي منهن ۽ مٿي تي شديد زخم رهيا آهن راحيلا پنهور ٺٽي جي نامياري سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور پنهور جي ڀيڻ آهي، جڏهن تہ وڌيڪ زخمين کي طبي امداد لاءِ ڪين انتهائي گهٽتي جوڳي ۾ جهرڪ جي سرڪاري اسپتال نيو وي جتان شديد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد جي اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيو ويو. واقعي واري هنڌ جئي سنڌ محاذ ضلعي جي صدر امجد شورو ۽ سنڌس تيم پهچي زخمين کي ايڌي ايمبولينس سروس سميت 1122 ايمبولينس سروس ذريعي ريسڪيو ڪيو

بقايا سنڌيار 36

تي سخت ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڏانهيندي ايريگيشن عملي جي شڪايت ڪئي ۽ چيو تہ هي جيڪو بہ واقعيو ويش آيو آهي ان ۾ آفيسرن ايس ڊي او آنجنئر ۽ چيف انجنئر جي غفلت جي ڪري پيش آيو آهي جنهن جي هيٽري بہ مزاحمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن وڌيڪ چيو تہ انجنئر احمد نوتز چنڊيو جيڪو ڪيرٿر ڪئنال تي مقرر آهي اهو هن مهل تائين بہ اسان وٽ لڙي ڪونہ آيو آهي رڳو فون تي ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيو آهي اسان اهو مطالبو ڪريو ٿا تہ ملوث عملي خلاف ايف آءِ آر جو حڪم جاري ڪري گرفتار ڪيو وڃين چو تہ ملوث عملو واهہ جي ڪپرن تان مٽي وڪرو ڪرڻ بعد ڪيرٿر ڪئنال جا ڪپ ڪمزور جري ڇڏيا جنهن سبب ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ پرسان 10 فوٽ ڳهارو پوڻ سبب ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ، مٺن شر، رمضان بروهي، تندو بهار، پنيرا ڳوٺ، بنگل جتوئي ۽ ٻين ڪيترائي ڳوٺن پاڻي ۾ ٻڏڻ کان علاوہ ڪروڙن روپين جا مچي جا فارم پڻ پاڻي ۾ ٻڏي ويا ڳهارو لڳڻ ڪري جاني ۽ مالي نقصان انتظاميہ اڳهور ننڊ ستل. پاڻي ۾ ٻڏل ماڻهن جون ڏانهون ڪو بہ تدارڪ نہ ٿي سگهيو جنهن جي ڪري ڳوٺاڻن ايريگيشن عملي خلاف سخت احتجاج ڪندي ڳهارو بند ڪرڻ جي مطالبي سان گڏ ٿيل نقصان جي آزالي جو پڻ مطالبو ڪيو آهي

تي سخت ڪاوڙ جو اظهار پڻ ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڏانهيندي ايريگيشن عملي جي شڪايت ڪئي ۽ چيو تہ هي جيڪو بہ واقعيو ويش آيو آهي ان ۾ آفيسرن ايس ڊي او آنجنئر ۽ چيف انجنئر جي غفلت جي ڪري پيش آيو آهي جنهن جي هيٽري بہ مزاحمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن وڌيڪ چيو تہ انجنئر احمد نوتز چنڊيو جيڪو ڪيرٿر ڪئنال تي مقرر آهي اهو هن مهل تائين بہ اسان وٽ لڙي ڪونہ آيو آهي رڳو فون تي ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيو آهي اسان اهو مطالبو ڪريو ٿا تہ ملوث عملي خلاف ايف آءِ آر جو حڪم جاري ڪري گرفتار ڪيو وڃين چو تہ ملوث عملو واهہ جي ڪپرن تان مٽي وڪرو ڪرڻ بعد ڪيرٿر ڪئنال جا ڪپ ڪمزور جري ڇڏيا جنهن سبب ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ پرسان 10 فوٽ ڳهارو پوڻ سبب ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ ڳوٺ ڏٽي جي وانڊ، مٺن شر، رمضان بروهي، تندو بهار، پنيرا ڳوٺ، بنگل جتوئي ۽ ٻين ڪيترائي ڳوٺن پاڻي ۾ ٻڏڻ کان علاوہ ڪروڙن روپين جا مچي جا فارم پڻ پاڻي ۾ ٻڏي ويا ڳهارو لڳڻ ڪري جاني ۽ مالي نقصان انتظاميہ اڳهور ننڊ ستل. پاڻي ۾ ٻڏل ماڻهن جون ڏانهون ڪو بہ تدارڪ نہ ٿي سگهيو جنهن جي ڪري ڳوٺاڻن ايريگيشن عملي خلاف سخت احتجاج ڪندي ڳهارو بند ڪرڻ جي مطالبي سان گڏ ٿيل نقصان جي آزالي جو پڻ مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 37

ٻارڙن تي جنسي تشدد وارن واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتي جوڳو اضافو ٿيندو پيو وڃي، روزانو 12 ٻارڙن وحشي درندن هٿان جنسي تشدد جو شڪار ٿين ٿا. پاڪستان ۾ 2227 ٻارن سان جنسي زيادتي جا واقعا پيش آيا، جن ۾ 1020 ڇوڪرا ۽ 1207 ڇوڪرين کي جنسي حوس ۽ زيادتي جو شڪار بڻايو ويو. ڇوڪرين جا ريورٽيڊ ڪيس ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. جنسي زيادتي جي هٺن ڪيسن ۾ 984 ٻارن کي اغوا ڪيو ويو، 215 ڇوڪرين ۽ 294 ڇوڪرن کي جنسي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو. 35 ڇوڪرين ۽ 75 ڇوڪرن کي اجتمائي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو 11 ڇوڪرين ۽ 16 ڇوڪرن کي ڏاڍائي بعد قتل ڪيو ويو 23 ڇوڪرين ۽ 4 ڇوڪرن کي اغوا بعد جنسي ڏاڍائي ڪئي وئي. 13 ڇوڪرين ۽ 2 ڇوڪرن کي اغوا بعد اجتمائي ڏاڍائي جو نيشانو بنايو ويو. 164 ڇوڪرين ۽ 6 ڇوڪرن کي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي وئي. برڪت علي انصاري جو چوڻ آهي تہ هي آهي ريورٽيڊ ڪيس آهن جيڪي قومي توڙي صوبائي اخبارن ۾ ريورٽ ٿيا آهن. جڏهن تہ ٻارڙن تي جنسي تشدد جا ڪافي اهڙا ڪيس بہ ٿيڻ جو خدشو آهي جيڪي ريورٽ ئي ناهن ٿي سگهيا. راڻيپور جي حويلي ۾ معصوم فاطمہ جي قتل واري معامري متعلق پڇيل سوال جي جواب ۾ سنڌس چوڻ هو تہ فاطمہ ڦرڙو وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي، نينگري جي وارثن سان ملاقات ڪري انهن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. جڏهن تہ ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي، ايس ايس پي خيرپور مير روحيل خان ڪوسو، لاڳاپيل حد جي ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او سان بہ مختلف وقتن تي ملاقات ڪري معصوم فاطمہ جي خون سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو رکيو ويو. برڪت علي انصاري مطابق ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي خاطري ڪرائي تہ حويلي ۾ شامل سمورن مردن جي ڊي اين اي ڪرائي پئي وڃي، فاطمہ واري ڪيس ۾ ڪنهن سان بہ ڪا رعايت نہ ڪئي ويندي. قاتل ڪيترا بہ بااثر چونڪ هجن انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو. انگن اکرن مطابق ٻارن 2227 سان جنسي زيادتي ڪندڙ فردن جو تعلق مختلف پيشن ۽ شعبن سان آهي. جن مان 912 جوبدار آهي هيا جن کي ٻار ڀهريان سڃاڻيدا هيا، ريورٽيڊ ڪيسن ۾ ٻارڙن کي جنسي زيادتيءَ جو نشانو بڻائيندڙ 498 غير واقف ڪار، پاڙيسري 51، مائٽ 28 ، استاد 17، پوليس 3، مولوي 15 ۽ ٻيا شامل آهن. جنسي زيادتي جا واقعا جن جڳهن، جاين ۾ ٿيا، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيسن جي جاين جي جڳہ واضح نہ هئي جن جو تعداد 726 آهي. ٻئي نمبر تي گهٽي ۾ 682 ملزم جي جڳهہ 348 ڪيس، متاثر ٻار جي ڀهنجي گهر ۾ سنڌن والدين جي غير موجودگي ۾ 253 ڪيس ٿيا. ان ڪانسوا، 81 زمين تي، 81 اسڪول ۽ ڪاليج، حويلين 17، 6 ڪر ڪرڻ واري جڳهہ، 12 جنگ ۾ ڪيس ٿيا. جن ٻارن کي جنسي تشدد جو نيشانو بنايو ويو انهن ۾ 1 کان 5 سالن جي ڄمار جا 123 ٻار، 6 کان 10 سالن جي ڄمار جا 376، 11 کان 15 سالن جي ڄمار جا 16.674 کان 18 سالن جا 287 ٻار شامل آهن ۽ ٻين جن ٻارن جون عمريون ريورٽ نہ آهن انهن جو تعداد 767 آهي. پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۽ سنڌ ۾ ٿيا. پنجاب ۾ 1648 ۽ سنڌ ۾ 314 ڪيس ريورٽ ٿيا، اسلام آباد 161، خيبر پختونخواهہ 74 ، بلوچستان 24، آزاد جمو ڪشمير 4 زيادتي جا ڪيس ريورٽ ٿيا. پاڪستان ۾ شهرن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس شهرن ۾ 55٪ ۽ ڳوٺن ۾ 45٪ ريورٽ ٿيا، اخبارن مطابق 2227 واقعن ما ن 1969 ڪيس پوليس وٽ رجسٽرٿيا، 233 ڪيسن جي جاڻ نہ ملي سگهي ۽ 8 ڪيس رجسٽر نہ ٿي سگهيا.

ٻارڙن تي جنسي تشدد وارن واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتي جوڳو اضافو ٿيندو پيو وڃي، روزانو 12 ٻارڙن وحشي درندن هٿان جنسي تشدد جو شڪار ٿين ٿا. پاڪستان ۾ 2227 ٻارن سان جنسي زيادتي جا واقعا پيش آيا، جن ۾ 1020 ڇوڪرا ۽ 1207 ڇوڪرين کي جنسي حوس ۽ زيادتي جو شڪار بڻايو ويو. ڇوڪرين جا ريورٽيڊ ڪيس ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. جنسي زيادتي جي هٺن ڪيسن ۾ 984 ٻارن کي اغوا ڪيو ويو، 215 ڇوڪرين ۽ 294 ڇوڪرن کي جنسي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو. 35 ڇوڪرين ۽ 75 ڇوڪرن کي اجتمائي زيادتي جو نيشانو بنايو ويو 11 ڇوڪرين ۽ 16 ڇوڪرن کي ڏاڍائي بعد قتل ڪيو ويو 23 ڇوڪرين ۽ 4 ڇوڪرن کي اغوا بعد جنسي ڏاڍائي ڪئي وئي. 13 ڇوڪرين ۽ 2 ڇوڪرن کي اغوا بعد اجتمائي ڏاڍائي جو نيشانو بنايو ويو. 164 ڇوڪرين ۽ 6 ڇوڪرن کي جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪئي وئي. برڪت علي انصاري جو چوڻ آهي تہ هي آهي ريورٽيڊ ڪيس آهن جيڪي قومي توڙي صوبائي اخبارن ۾ ريورٽ ٿيا آهن. جڏهن تہ ٻارڙن تي جنسي تشدد جا ڪافي اهڙا ڪيس بہ ٿيڻ جو خدشو آهي جيڪي ريورٽ ئي ناهن ٿي سگهيا. راڻيپور جي حويلي ۾ معصوم فاطمہ جي قتل واري معامري متعلق پڇيل سوال جي جواب ۾ سنڌس چوڻ هو تہ فاطمہ ڦرڙو وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي، نينگري جي وارثن سان ملاقات ڪري انهن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. جڏهن تہ ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي، ايس ايس پي خيرپور مير روحيل خان ڪوسو، لاڳاپيل حد جي ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او سان بہ مختلف وقتن تي ملاقات ڪري معصوم فاطمہ جي خون سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو رکيو ويو. برڪت علي انصاري مطابق ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي خاطري ڪرائي تہ حويلي ۾ شامل سمورن مردن جي ڊي اين اي ڪرائي پئي وڃي، فاطمہ واري ڪيس ۾ ڪنهن سان بہ ڪا رعايت نہ ڪئي ويندي. قاتل ڪيترا بہ بااثر چونڪ هجن انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو. انگن اکرن مطابق ٻارن 2227 سان جنسي زيادتي ڪندڙ فردن جو تعلق مختلف پيشن ۽ شعبن سان آهي. جن مان 912 جوبدار آهي هيا جن کي ٻار ڀهريان سڃاڻيدا هيا، ريورٽيڊ ڪيسن ۾ ٻارڙن کي جنسي زيادتيءَ جو نشانو بڻائيندڙ 498 غير واقف ڪار، پاڙيسري 51، مائٽ 28 ، استاد 17، پوليس 3، مولوي 15 ۽ ٻيا شامل آهن. جنسي زيادتي جا واقعا جن جڳهن، جاين ۾ ٿيا، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيسن جي جاين جي جڳہ واضح نہ هئي جن جو تعداد 726 آهي. ٻئي نمبر تي گهٽي ۾ 682 ملزم جي جڳهہ 348 ڪيس، متاثر ٻار جي ڀهنجي گهر ۾ سنڌن والدين جي غير موجودگي ۾ 253 ڪيس ٿيا. ان ڪانسوا، 81 زمين تي، 81 اسڪول ۽ ڪاليج، حويلين 6.17 ڪر ڪرڻ واري جڳهہ، 12 جنگ ۾ ڪيس ٿيا. جن ٻارن کي جنسي تشدد جو نيشانو بنايو ويو انهن ۾ 1 کان 5 سالن جي ڄمار جا 123 ٻار، 6 کان 10 سالن جي ڄمار جا 376، 11 کان 15 سالن جي ڄمار جا 16.674 کان 18 سالن جا 287 ٻار شامل آهن ۽ ٻين جن ٻارن جون عمريون ريورٽ نہ آهن انهن جو تعداد 767 آهي. پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۽ سنڌ ۾ ٿيا. پنجاب ۾ 1648 ۽ سنڌ ۾ 314 ڪيس ريورٽ ٿيا، اسلام آباد 161، خيبر پختونخواهہ 74 ، بلوچستان 24، آزاد جمو ڪشمير 4 زيادتي جا ڪيس ريورٽ ٿيا. پاڪستان ۾ شهرن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس شهرن ۾ 55٪ ۽ ڳوٺن ۾ 45٪ ريورٽ ٿيا، اخبارن مطابق 2227 واقعن ما ن 1969 ڪيس پوليس وٽ رجسٽرٿيا، 233 ڪيسن جي جاڻ نہ ملي سگهي ۽ 8 ڪيس رجسٽر نہ ٿي سگهيا.

ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي
پلاننگ ونگ
(ڊائريڪٽوريٽ آف ريجنل پلاننگ)

پبلڪ نوٽيس

غير مجاز/ غير قانوني ڊولپمينٽ ايڊورٽائزمينٽ ۽ مارڪيٽنگ آف هائوسنگ اسڪيم نالي "ڪوهسار انڪليو" سملي ڊيم روڊ زون_ 4 اسلام آباد

سوشل ميڊيا ذريعي هن آفيس جي نوٽيس ۾ آيو آهي تہ اٿارٽي جي اڳواٽ اجازت کان سواءِ "ڪوهسار انڪليو" سملي ڊيم روڊ زون 4 اسلام آباد هائوسنگ اسڪيم جي اسپانسرز طرفان اشتهار ۽ مارڪيٽنگ ڪئي پئي وڃي. ان ڪري، غير قانوني/ غير مجاز آهي.

2. ICT(زوننگ) ريگيوليشنز 1992 [ترميم ٿيل 2010] جي شقن ۽ ICTاسلام آباد ۾ پرائيويٽ هائوسنگ اسڪيمن جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ تيار ڪيل طريقن ۽ طريقيڪار موجب، اسلام آباد ۾ پرائيويٽ اسپانسرز طرفان منظوريءَ کان سواءِ ڪا بہ هائوسنگ اسڪيم فلوٽ/شروع نہ ٿي ڪري سگهجي. سي ڊي اي جي.

3. مطابق عام عوام، هن پبلڪ نوٽيس ذريعي، پنهنجي مفاد ۾ خبردار ڪيو وڃي ٿو ۽ خبردار ڪيو ويو آهي تہ اهي غير قانوني هائوسنگ اسڪيمن ۾ پلاٽن جي ڪنهن بہ وڪري/خرچ ۾ ملوث ٿيڻ کان پاسو ڪن جيستائين اسپانسر گهربل فارملٽيز کي پورو ڪرڻ کان پوءِ CDA کان NOCحاصل نہ ڪن. قيمتي رقم جي سيڙپڪاري ڪرڻ کان اڳ، عوام کي گهرجي تہ سي ڊي اي جي ويب سائيٽ www.cda.gov.pkتان اسڪيم جي قانوني حيثيت کي يقيني بڻائين ۽ اسڪيمن جي اپ ڊيٽ اسٽيٽس ۽ منظور ٿيل لي آئوٽ پلان لاءِ پڻ وڃي سگهن ٿا. ڪنهن بہ فراڊ/ نقصان جي صورت ۾ سي ڊي اي ذميوار نہ هوندي.

4. مٿي ڏنل غير قانوني/ غير مجاز هائوسنگ اسڪيمن جي اسپانسرز، سيلرز، بلڊرز، ڊولپرز، ايڊورٽائيزرز، پروموٽرز، اسٽيٽ ايجنٽ وغيره کي پڻ خبردار ڪيو وڃي ٿو تہ هن پبلڪ نوٽيس ذريعي اهڙي غير قانوني سرگرمين کان پاسو ڪن. سي ڊي اي جا لاڳاپيل ڊائريڪٽوريٽ اڳ ۾ ئي غير قانوني اسڪيم خلاف ڪارروائي ۾ مصروف آهن

(اعجاز الحسن)
ڊائريڪٽر ريجنل پلاننگ
فون: 0519252494

PID (I) No.1232/23

روزاني سنڌيار
Reg No 2677
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com